روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد ڇهريون) اربع 26 اپريل 2023 ع بمطابق 05 شوال المکرم 1444ھ (قيمت 05 رپيا) شمارو 330

اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار ۽ خواجا طارق جي هڪ ٻي مبينا آڊيو ليڪ

ميڊيا آڊيو ۾ اڳوڻو چيف جسٽس ثاقب نثار، خواجا طارق رحيم کي چئي رهيو آهي ته خواجا صاحب هڪ ڳالهه ڪرڻ چاهيان ٿو، جنهن تي خواجا طارق رحيم جواب ڏيندي چيو ته جي ٻڌايو

اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار چيو ته هڪ ججمينٽ ضرور ڏسي وٺجو، اها ست رڪني بئنچ جي ججمينٽ آهي، ان تي خواجا طارق ڪائنس سوال ڪندي چيو ته ڪيترن ميمبرن جي ججمينٽ آهي؟

اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار چيو ته جي اهو پاڻمرادو نوٽيس آهي، پاڻمرادو نوٽيس نمبر 4، 2010 ع جو آهي، سائين اها ست رڪني بئنچ جي ججمينٽ 2012 ع ۾ سپريم ڪورٽ جي پيج نمبر 553 تي رپورٽيڊ آهي

تي خواجا طارق چيو ته ٺيڪ آهي، مان ڏسي وٺندس، ان تي ثاقب نثار چيو ته جيڪو به اوهان جو وڪيل آهي ڪيس چئو ته ان کي ٿورو ڏسي وٺي، ان ۾ اهو لکيل آهي ته جيڪڏهن، خير ان ڳالهه کي ڇڏيو

پنجاب جي اڳوڻي گورنر خواجا طارق رحيم چيو ته هو پڙهي وٺندو، ست رڪني بئنچ واري ججمينٽ به ڏسي ورتي آهي، ان ۾ چاٽايو ويو آهي ته جيستائين ايڪٽ نٿو نهي

آڊيو ۾ اڳوڻي جسٽس ثاقب نثار چيو ته جي جي، جي سرهن ڏنو آهي اها سندن پاس وي آئوٽ آهي، جنهن تي خواجا طارق چيو ته اِها وي آئوٽ آهي

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار ۽ پنجاب جي اڳوڻي گورنر خواجا طارق رحيم جي هڪ ٻي مبينا آڊيو ليڪ منظرعام تي اچي وئي، سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار ۽ پنجاب جي اڳوڻي گورنر خواجا طارق رحيم جي هڪ ٻي مبينا آڊيو سامهون اچي وئي آهي، ميڊيا آڊيو ۾ اڳوڻو چيف جسٽس ثاقب نثار، خواجا طارق رحيم کي چئي رهيو آهي ته خواجا صاحب هڪ ڳالهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: اڳوڻو چيف جسٽس ثاقب نثار ۽ خواجا طارق (فائيل فوٽو)

وزيراعظم شهباز شريف جون هڪ ئي ڏينهن چونڊن بابت پٽيشن تي اهم ملاقاتون

لاهور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف هڪ ئي ڏينهن ۾ چونڊن بابت پٽيشن جي حوالي سان اهم ملاقاتون ڪيون آهن ليگي ذريعن موجب سپريم ڪورٽ ۾ چونڊون هڪ ئي ڏينهن ڪرائڻ جي پٽيشن جي معاملي تي وزيراعظم شهباز شريف لاهور ۾ پنهنجي رهائشگاهه ماڊل ٽائون ۾ پنهنجن ويجهن سياسي اڳواڻن ۽ قانوني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

هٿياربند فوج خلاف مهم هلائيندڙ ڪجهه ماڻهو سياسي آهن: ڊي جي آءِ ايس پي آر

پاڪ فوج جي لاءِ سموريون سياسي شخصيتون ۽ سياسي پارٽيون احترام جوڳيون آهن، آرمي چيف چٽو چٽي چڪو آهي ته پاڪستان جي عوام ئي اصل طاقت آهي : ميجر جنرل احمد شريف چوڌري

پاڪ فوج ۽ حڪومت وچ ۾ آئيني تعلق آهي، ڪنهن به ملڪ ۾ فوج طرفان ڪنهن هڪ سياسي يا مذهبي گروپ خلاف ڪارروائي جو نتيجو انتشار ئي نڪرندو آهي

ڪشمير جي عالمي مڃيل حقيقت آهي جنهن کي ڪير به تبديل نٿو ڪري سگهي، ڪشمير ڪڏهن به ڀارت جو حصو نه رهيو آهي ۽ نه ئي وري رهندو

آپريشنل تيارين تي ڪنهن کي شڪ آهي ته فيبروري 2019 سامهون آهي ۽ فيبروري 2019 ۾ پلوامه حملو باقاعده منصوبه بندي تحت ڪيو ويو. پاڪستان ۽ ڀارتي جي دفاعي بجيٽ ۾ فرق ڪنهن کان لڪيل نه آهي

پشاور پوليس لائنز مسجد تي آپگهاتي حملو پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي جي حڪمن تي جماعت الاحرار ڪيو. پشاور مسجد تي حملو ڪندڙن جو تعلق قندوز افغانستان ان هو

پاڪ فوج هڪ قومي فوج آهي. پاڪ فوج سمورن مذهب، ملڪن، علائقن ۽ نسلن جي نمائندگي ڪندي آهي: راولپنڊي ۾ پريس ڪانفرنس

راولپنڊي (م ڊ) ڊي جي آءِ ايس پي آر ميجر جنرل احمد شريف چوڌري چيو آهي ته سوشل ميڊيا تي هٿياربند فوج خلاف مهم هلائيندڙ ڪجهه ماڻهو سياسي آهن ۽ ڪجهه جو دشمن ايجنسيز وارو ايجنڊا آهن. راولپنڊي ۾ اهم پريس ڪانفرنس ڪندي ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪ فوج جي لاءِ سموريون سياسي شخصيتون ۽ سياسي پارٽيون احترام جوڳيون آهن. آرمي چيف چٽو چٽي چڪو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

راولپنڊي: ڊي جي آءِ ايس پي آر ميجر جنرل احمد شريف چوڌري پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪنهن به شهري جي ڳالهه ٻولهه رڪارڊ ڪرڻ غير آئيني ۽ غيرقانوني آهي: ثاقب نثار

اهڙيون حرڪتون ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي جو حق رکان ٿو

ڪنهن به شهري جي نجي ڳالهه ٻولهه رڪارڊ ڪرڻ غير آئيني ۽ غيرقانوني آهي

هي ڪنهن جي نجي ڳالهه ٻولهه رڪارڊ ڪري ڇا حاصل ڪرڻ چاهين ٿا؟

مان آزاد شهري آهيان، هن وقت نه مان چيف جسٽس آهيان ۽ نه ئي وري ڪنهن بينچ جو حصو آهيان

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار چيو آهي ته منهنجي صبر ۽ خاموشي کي ڪمزور نه سمجهيو وڃي. آڊيو ليڪ تي رد عمل ڏيندي ثاقب نثار چيو ته اهڙيون حرڪتون ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي جو حق رکان ٿو. ڪنهن به شهري جي نجي ڳالهه ٻولهه رڪارڊ ڪرڻ غير آئيني ۽ غيرقانوني آهي. هي ڪنهن جي نجي ڳالهه ٻولهه رڪارڊ ڪري ڇا حاصل ڪرڻ چاهين ٿا؟ هي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي آڊيو ليڪ سان عدليه بابت ڪيترائي سوال اٿي رهيا آهن: شرجيل ميمڻ

پردي ۾ موجود شيون پاهراچي رهيون آهن. ثاقب نثار جو سمورو دور سواليه نشان بڻجي چڪو آهي

ثاقب نثار عمران خان جي ٽائيگر فورس جو حصو هو، عمران خان انٽرويو ۾ خطرناڪ انڪشاف ڪيا : مرتضيٰ وهاب

ايوان صدر سازش جو گڙهه بڻجي چڪو هو. ايوان صدر ۾ اڳوڻي جنرل جي اڳوڻي وزيراعظم سان ملاقات ٿي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي آڊيو ليڪس کان پوءِ ڪيترائي سوال اٿي رهيا آهن پردي ۾ موجود شيون پاهراچي رهيون آهن. ثاقب نثار جو سمورو دور سواليه نشان بڻجي چڪو آهي. ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ مرتضيٰ وهاب گڏيل پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

آمريڪي صدر بائيڊن پاران 2024 ع ۾ ٿيندڙ چونڊن ۾ به حصو وٺڻ جو اعلان

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر جو بائيڊن 2024 ع ۾ ٿيندڙ صدارتي چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪري پنهنجي چونڊ مهم شروع ڪري ڇڏي. پرڏيهي خبررسان اداري موجب آمريڪي صدر جو بائيڊن پنهنجي صدارت جا چار سال پورا ٿيڻ جي ڏينهن اعلان ڪيو ته هو 2024 ع ۾ ٿيندڙ صدارتي چونڊن ۾ به اڳوڻي صدر ڊونلڊ ٽرمپ خلاف چونڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سرڪاري ملازمن لاءِ خوشخبري: پگهارن ۽ پينشن ۾ وڏي واڌ جو امڪان

مهانگائي جي شرح گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو واڌ ڪرڻ تي مشاورت ڪنداسين : ذريعا

عسڪري ۽ سول ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 15 کان 30 سيڪڙو واڌ ٿيندي

اسلام آباد (م ڊ) ايندڙ بجيٽ ۾ محدود وسيلن جي باوجود سول ۽ عسڪري ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ 15 کان 30 سيڪڙو تائين واڌ جي تجويز شامل ڪرڻ جو امڪان آهي، رپورٽ موجب وزيراعظم ڪابينا جو اجلاس طلب ڪيو آهي ان ۾ ملڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: نائين وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار ايف بي آر عملدارن سان اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

مياڻ ثاقب جي آڊيو ٻڌي گهڻو ڏک ٿيو: خواجه آصف

اوهان نوازشريف دسمني ۾ گهڻو پري هليا ويا

شهبازشريف سان ۽ شڪايتون مون سان بيان ڪيون جيڪي بلڪل بي بنياد آهن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) بجاءِ واري وزير خواجه محمد آصف اڳوڻي چيف جسٽس مياڻ ثاقب نثار جي آڊيو ليڪ تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته مياڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عدالتن کي سياسي معاملن ۾ احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي: اعظم نذير تارڙ

سياسي معاملن کي عدالتن طرف نه کڻي وڃڻ گهرجي. آڊيو ليڪس جون ڳالهيون انتهائي سنگين آهن

سياسي معاملن جون ڳالهيون ايوانن ۾ ٿيڻ گهرجن. عدالتن کي سياسي معاملن ۾ احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي

ڪوششون ڪيون پيون وڃن ته ادارا ۽ پارليامينٽ آمهون سامهون ٿي وڃن : پريس ڪانفرنس

لاهور (م ڊ) قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته عدالتن کي سياسي معاملن ۾ احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي، صوبائي گادي واري شهر ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ چيو ته سياسي معاملن کي عدالتن طرف نه کڻي وڃڻ گهرجي. آڊيو ليڪس جون ڳالهيون انتهائي سنگين آهن سينئر وڪيل ۽ اڳوڻي چيف جسٽس وچ ۾ سنگين قسم جون ڳالهيون ٿيون، هن چيو ته سياسي معاملن جون ڳالهيون ايوانن ۾ ٿيڻ گهرجن. عدالتن کي سياسي معاملن ۾ احتياط کان ڪم وٺڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سانگهڙ: زميني تڪرار تان چاچن ۽ ڀائٽين ۾ جهيڙو، 2 ڄڻا قتل، 3 زخمي

ورڪشاپ ويجهو اقبال مور اسٽاپ لڳ زمين جي تڪرار تان چاچن ۽ ڀائٽين ۾ جهيڙو فائرنگ ۾ ٻه ڄڻا قتل ٿي پيا

پوليس جهيڙي واري هنڌ پهچي مارجي ويلن جا لاش ۽ زخمي کي سانگهڙ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

واقعي بعد ٻنهي ڌرين ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري آهي پوليس وڏي انگ ۾ نفري طلب ڪري ورتي

سانگهڙ (رپورٽر) ورڪشاپ ويجهو اقبال مور اسٽاپ لڳ زمين جي تڪرار تان چاچن ۽ ڀائٽين ۾ جهيڙو فائرنگ ۾ ٻه ڄڻا قتل ٿي پيا آهين جڏهين ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن هوڏانهن اهڙي جهيڙي جي اطلاع تي منگلي سانگهڙ جي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

چونڊن کان انڪار حڪومت جو آئين تي حملو آهي، طاقت جو سرچشمو عوام آهي: عمران خان

سپريم ڪورٽ قومي اميدن جو محور آهي ملڪ ۾ جاري بحران جو هڪڙوئي حل جمهوريت سان رابطو آهي

عوام پنهنجن اختيارن کي صاف شفاف طريقي سان چونڊيل نمائندن ذريعي استعمال ڪري

شڪست جو خوف ۽ مفادن لاءِ آئين جي انڪار سان تباهي ڏيندڙ نتيجا سامهون ايندا

اڳوڻو وزيراعظم عمران خان (فائيل فوٽو)

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان چيو آهي ته چونڊن کان انڪار حڪومت جو آئين تي حملو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

داعش خلاف ڪارروائي ۾ طالبان حڪومت آمريڪا جي مدد لاءِ تيار

داعش افغانستان ۾ منظم ٿي آمريڪا ۽ ٻين ملڪن گرجا گهرن کي نشانو بڻائيندا: رپورٽ

ليڪ ٿيل دستاويزن تي واشنگٽن پوسٽ جي رپورٽ زميني حقيقتن جي ابتڙ آهي

ڪابل (م ڊ) واشنگٽن پوسٽ جي رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته طالبان افغانستان ۾ داعش خلاف ڪارروائي ۾ آمريڪا جي مدد ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ جي وڏي وزير سان يو اي اي سفير جي اهم ملاقات

مراد علي شاهه سان امارات جي قونصل جنرل بخت عتيق رومي ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ ٻطرفن لاڳاپن، ٻوڏ متاثرن جي بحالي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان متحده عرب امارات جي قونصل جنرل بخت عتيق رومي ملاقات ڪئي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان متحده عرب امارات جي قونصل جنرل بخت عتيق رومي ملاقات ڪراچي: ڪري رهيو آهي

ڪڇي ۾ پوليس جو گرينڊ آپريشن جاري، 8 ڌاڙيل گرفتار، وڏي تعداد ۾ هٿيار هٿ

ڪامياب حڪمت عملي تحت پوليس ڪچي لنڊ ۾ دلاني ۽ عمراڻي گينگ خلاف وڏي ٽارگيٽيڊ ڪارروائي ڪئي

جوابدارن جي قبضي مان 3 جديد ڪلاشنڪوف، ريپٽرز، ڪيترائي ميگزين ۽ سوين گوليون هٿ ڪيون ويون

گرينڊ آپريشن دوران هينئر تائين 3 ڌاڙيل مارجي ويا ۽ 28 کان وڌيڪ گرفتار ٿي چڪا آهن : پوليس

ڪچي ۾ پوليس جو گرينڊ آپريشن دوران هٿ ڪيل هٿيار ۽ قورو

رحيم يارخان (م ڊ) پوليس طرفان ڪچي ۾ جاري آپريشن دوران هڪ وڏي ڪارروائي دوران 8 ڌاڙيلن کي گرفتار ڪري وڏي تعداد ۾ هٿيار هٿ ڪيا ويا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

موسميات کاتي اڄ کان ملڪ جي مختلف علائقن ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

بلوچستان، پنجاب، سنڌ ۽ ڪشمير ۾ تيز هوائن ۽ ڪنوڻ سان وڌيڪ برسات پوندي

مري، گليات ۽ پوٺوهار ۾ به برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) موسميات کاتي اڄ (اربع) کان خيبرپختونخواهه، بلوچستان، پنجاب، سنڌ ۽ ڪشمير ۾ تيزهوائن ۽ ڪنوڻ سان وڌيڪ برسات جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سوڊان مان بحفاظت نڪتل پاڪستانين جو انگ 700 ٿي ويو

پرڏيهي وزارت سوڊان ۾ پاڪستانين جي رليف ۽ ريسڪيو ۾ اڳڀرائي ڪري رهي آهي :بلاول

خرطوم مان 211 پاڪستانين کي کڻي ٻيو قافلو اڄ پورٽ سوڊان پهچي ويو آهي

دوست ملڪ خاص ڪري سعودي عرب پاڪستانين جي واپسي جي عمل ۾ سهولت لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري سوڊان مان پاڪستانين جي واپسي جي حوالي سان چيو ته پرڏيهي وزارت سوڊان ۾ پاڪستانين جي رليف ۽ ريسڪيو ۾ اڳڀرائي ڪري رهي آهي. هڪ بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سوڊان جهڙپون، ٽن ڏينهن لاءِ جنگ بندي جو اعلان

سوڊان مان مختلف ملڪن طرفان شهرين کي هنگامي طور تي ڪڍڻ جو سلسلو جاري

427 پاڪستانين کي به سوڊاني بيٽ تي پهچايو ويو ۽ هڪ خاندان راڄڌاني خرطوم ۾ ڦاسي پيو

خرطوم (ويب ڊيسڪ) خانه جنگي جي شڪار سوڊان ۾ ٽن ڏينهن لاءِ جنگ بندي جو اعلان ڪيو ويو پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب سوڊان ۾ فوج ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سوات ڌماڪو: شهيدن جو انگ 17 ٿي ويو، بچي ويل ڌماڪيدار مواد ناڪاره بڻايو ويو

ڌماڪي ۾ 17 ڄڻا شهيد ۽ 51 زخمي ٿيا. زخمين کي ڪبل ۽ سيدو شريف اسپتال منتقل ڪيو ويو

شهيد پوليس آفيسرن ۾ سب انسپيڪٽر عبدالله، اشرف علي ۽ اي ايس آءِ شير عالم شامل آهن : پوليس

سي ٽي ڊي ٿاڻي ۾ بچي ويل ڌماڪيدار مواد کي ناڪاره بڻايو ويو آهي

سوات (م ڊ) ڪبل سي ٽي ڊي ٿاڻي ۾ ٿيندڙ ڌماڪي سبب شهيد ٿيندڙن جو انگ 17 ٿي ويو ريسڪيو اختيارين موجب واقعي واري هنڌ سرچ اينڊ ريسڪيو آپريشن جاري آهي گذريل رات 17 زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو اسپتال رپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

حڪومت عدليا کي ڌمڪيون ڏيڻ بدران آئين ۽ قانون جو احترام ڪري: شيخ رشيد

آرمي چيف جنرل عاصم منير جو چين جو دورو انتهائي اهم آهي

هي آئين ۽ قانون جي پڪڙ ۾ پهريان ئي پاڻ اچي چڪا آهن

راولپنڊي (م ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد چيو آهي ته آرمي چيف جنرل عاصم منير جو چين جو دورو انتهائي اهم آهي ۽ ملڪ جي پرڏيهي پاليسي بابت ڀٽو پوندو. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري سنڌ جي هر گهر ۾ سولر سسٽم لڳرائڻ واري منصوبي جو اشارو ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (م ڊ) پيپلزپارٽي جي شريڪ چيئرمين ۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري بجلي جي مهانگي بلن مان ڇوٽڪاري لاءِ سنڌ جي هر گهر ۾ سولر سسٽم لڳرائڻ واري منصوبي جو اشارو ڏئي ڇڏيو آهي ذريعن موجب آصف علي زرداري سان توانائي واري وزير امتياز شيخ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران امتياز شيخ آصف علي زرداري کي عيد واڌايون ڏنيون. ملاقات ۾ ملڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاهور: وفاقي وزيراعظم نذير تارڙ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

لاهور: ملڪ احمد خان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

شيخ رشيد جو وزيراعظم کي اعتماد جا ووٽ وٺڻ لاءِ صدر کي خط

لاهور (بيورو رپورٽ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد وزيراعظم کي اعتماد جا ووٽ وٺڻ لاءِ پاڪستان جي صدر کي خط لکي ڇڏيو اڳوڻي وفاقي وزير شيخ رشيد پنهنجي وڪيل اظهر صديق جي مدد سان خط لکيو خط جي متن مطابق اليڪشن ڪرائڻ حڪومت جي آئيني ذميواري آهي قومي اسيمبلي ۾ فنڊ منظور نه ڪرائي وزيراعظم اڪثريت وڃائي چڪو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سوات: ڪبل سي ٽي ڊي ٿاڻي ۾ ٿيندڙ ڌماڪي بعد لڳل باهه جا شعلا اٿي رهيا آهن

ايم ڪيو ايم، قومي، صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن ۽ سينيٽرن کان استعيفائون وٺي ڇڏيون

وفاقي حڪومت، تازي آدم شماري تي ايم ڪيو ايم جا خدشا ختم نه ڪري سگهي آهي : ذريعا

ايم ڪيو ايم کي ڪراچي ۽ حيدرآباد جي آدم شماري جي طريقيڪار تي اختلاف آهي

ڪراچي (م ڊ) آدم شماري تي خدشا ختم نه ٿيڻ تي ايم ڪيو ايم پاڪستان پنهنجن قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن ۽ سينيٽرن کان استعيفائون وٺي ڇڏيون آهن ذريعن موجب وفاقي حڪومت، تازي آدم شماري تي ايم ڪيو ايم جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

حسين حقاني آمريڪي وڪيل ذريعي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ڏانهن قانوني نوٽيس موڪلي ڇڏيو

پي ٽي آءِ چيئرمين، اڳوڻي سفير حسين حقاني خلاف ڪوڙا ۽ ڇڙواڇڙ بيان ڏيڻ فوري طور بند ڪري : نوٽيس جو متن

جيڪڏهن هن ائين نه ڪيو ته سندس خلاف بنا ڪنهن نوٽيس جي قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي (م ڊ) آمريڪا ۾ مقرر اڳوڻي پاڪستاني سفير حسين حقاني طرفان آمريڪي وڪيل ذريعي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ڏانهن قانوني نوٽيس اماڻيو ويو آهي. نوٽيس ۾ عمران خان کي خبردار ڪندي چيو ويو آهي ته پي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

امت مسلمه سميت اداري جي عملي کي عيد جون واڌايون

انجنيئر سيد صلاح الدين احمد ۽ سي او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان عيد مبارڪون ڏنيون

عيد ڏهاڙي پنهنجن ابن ڏاڏن کي به پنهنجي خصوصي دعائن ۾ ياد رکڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او / ايم ڊي واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد ۽ سي او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان ياران عيد الفطر جي پرمسرت موقعي تي پنهنجي جاري ڪيل پنهنجي پيغام ۾ سڄي امت مسلمه سميت پاڪستاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

انجنيئر سيد صلاح الدين احمد ۽ سي او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان (فائيل فوٽو)

رينجرز ۽ پوليس جي ڪارروائي، 5 رڪني گينگ گرفتار

ڪراچي ۾ رينجرز ۽ پوليس ڳجهي اطلاع تي گڏيل ڪارروائي ڪندي سعيد آباد ٽائون، نوري قبرستان وٽ ڪارروائي ڪئي

گلشن اقبال مان ڦر، چوري ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي مختلف واقعن ۾ ملوث 5 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو : ترجمان رينجرز

گرفتار جوابدارن ۾ شهريار عرف شيرا، ذيشان عرف ناري، جاويد عرف گرگين، شهريار عرف شرتا ۽ فرحان شامل

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ رينجرز ۽ پوليس گڏيل ڪارروائي ڪري ڦر ۽ اسٽريٽ ڪرائم ۾ ملوث 5 رڪني گينگ کي گرفتار ڪري ورتو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

محمد شهاب الدين بنگلاديش جي 22هين صدر جو حلف کڻي ورتو

ڍاڪا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بنگلاديش جي 22هين صدر محمد شهاب الدين پنهنجي عهدي جو حلف کڻي ورتو هو فيبروري ۾ بنا مقابلي صدر چونڊجيو هو عالمي خبرون ڏيندڙ اداري موجب حڪمران پارٽي عوامي ليگ جي سينئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پي ڊي ايم ۽ پيپلز پارٽي ۾ به پي ٽي آءِ ڳالهيون نه ڪرڻ تي اتفاق ٿي ويو

پ پ سنڌ ۾ هڪ ڏينهن چونڊون ڪرائڻ لاءِ مظاهرن جو اعلان ڪري ڇڏيو

بلاول آصف علي زرداري کي مولانا جي موقف جي ڄاڻ ڏني ان بعد آصف زرداري به مولانا کي فون ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) پي ڊي ايم ۽ پيپلز پارٽي ۾ به پي ٽي آءِ ڳالهيون نه ڪرڻ تي اتفاق ٿي ويو آهي. جنهن ڪري پ پ ٻين پارٽين کان به هڪ قدم اڳتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڳڻپ کاتي آدم شماري جي آخري تاريخ ۾ چوٿون ڀيرو واڌ ڪري ڇڏي

ڪجهه ضلعن ۾ گروٽ ريٽ ۽ ڊيٽا جي تصديق جو سلسلو جاري آهي : ڳڻپ کاتو

ڪجهه وڏن شهرن ۾ آبادي ۾ لاٿ ۽ گهٽ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي

لاهور، راولپنڊي، اسلام آباد، حيدرآباد، ڪوئيٽا ۾ به آبادي ۾ لاٿ يا گهٽ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (م ڊ) ڳڻپ کاتي آدم شماري جي آخري تاريخ ۾ چوٿون ڀيرو واڌ ڪندي آدم شماري جي آخري تاريخ 30 اپريل مقرر ڪري ڇڏي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

تڪراري ليکڪ طارق فتح ڊگهو عرصو بيمار رهڻ کان پوءِ لاڏاڻو ڪري ويو

اوٽاوا (م ڊ) پاڪستان ڄاول ڪينيڊين تڪراري ليکڪ طارق فتح 73 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب پاڪستان ۽ اسلام مخالف بيانن لاءِ مشهور ڪينيڊين ليکڪ ۽ نامه نگار طارق فتح ڊگهو عرصو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌو درياهه تي گهمڻ لاءِ آيل 3 نوجوان ٻڏي ويا

ٽئي نوجوان سوجهندا ويجهو درياهه تي پڪنڪ ملهائڻ ويا هئا

نوجوان درياهه ڪنڌي وضو ڪري رهيو پر پير ترڪڻ سبب پاڻي ۾ وڃي ڪِريو

اٽڪ (م ڊ) عيد جي ٽئين ڏينهن سنڌ درياهه ۾ گهمڻ لاءِ آيل ٽي نوجوان ٻڏي ويا. ميڊيا رپورٽن موجب ٽئي نوجوان سوجهندا ويجهو درياهه تي پڪنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

محرابپور ۾ ڳوٺ غازي خان لاشاري واسي پورهيت پاران وارثن سان گڏ احتجاجي مظاهرو

پورهيت حاڪم علي اوشاق علي ۽ گلزار بي بي لاشاري پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

اسان جو پاءُ مختيار لاشاري برادري وارن جي ٻانهن ڪٽي روپوش ٿي ويو آهي: حاڪم علي جون ڳالهيون

لياقت لاشاري، صيفل لاشاري، معشوق لاشاري، زاهد لاشاري ۽ قاسم لاشاري اسان لاءِ رڻ ٻاري ڏنو آهي

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) ڳوٺ غازي خان لاشاري واسي پورهيت حاڪم علي اوشاق علي ۽ گلزار بي بي لاشاري پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير ۾ احتجاجي مظاهرو ڪندي صحافين کي ڏانهيندي ٻڌايو ته اسان جو پاءُ مختيار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڳاڙهو ويجهو ڳوٺ محمد قاسم تانديو ۾ زهر پيئڻ سبب 2 عورتون فوت، معاملو ڳجهارت بڻيل

ميرپورساڪرو (رپورٽر) ڳاڙهو ويجهو ڳوٺ محمد قاسم تانديو ۾ زهر پيئڻ سبب ٻه عورتون فوت هڪ مرد هڪ عورت اسپتال داخل تفصيل موجب ڳاڙهو ويجهو قديمي ڳوٺ محمد قاسم تانديو جي ٽن عورتن ۽ هڪ مرد زهر پيي ڇڏيو جنهن ڪري ٻه عورتون نازيا ۽ ماروي فوت ٿي ويون آهن جڏهن ته هڪ مرد خميسو ۽ هڪ عورت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

محرابپور: ڳوٺ غازي خان لاشاري واسي احتجاج ڪري رهيا آهن

چڪ شهر جي سينار محلي جي ويجهو عيد واري ڏينهن قتل ٿيل نوجوان جو ڪيس داخل

ڏينهن جتوئي جاگيراڻي تڪرار تان قتل ٿيل نوجوان الهڏنو جاگيراڻي جو قتل ڪيس داخل ڪيو ويو

مقتول نوجوان مسمات لطيفان جاگيراڻي جي فرياد تي جتوئي برادري جي 8 جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو

لڪي غلام شاهه (رپورٽر) چڪ شهر جي سينار محلي جي ويجهو عيد واري ڏينهن جتوئي جاگيراڻي تڪرار تان قتل ٿيل نوجوان الهڏنو جاگيراڻي جو قتل ڪيس نوجوان جي ڀڇي مسمات لطيفان جاگيراڻي جي فرياد تي جتوئي برادري جي 8 جوابدارن خلاف داخل ڪير ويو. جوابدارن ۾ شير مصراڻي جتوئي، محرم، گلزار، ظهير، بليدي عرف هزارو ۽ ٽريو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سيتا روڊ جي سولنگي ڪالوني جون رهواسڻ پاران احتجاجي مظاهرو

بيواهه زرينه زال غلام مصطفيٰ پنهنجي ڌي سلمٰ معصوم نياڻي سان گڏ احتجاج ڪيو

نامعلوم ماڻهن زبردستي سلمٰ ۽ 4 سالا علي شبا کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: زرينه

جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سيتا روڊ جي سولنگي ڪالوني جون رهواسي بيواهه زرينه زال غلام مصطفيٰ ۽ سندس ڌي سلمٰ معصوم نياڻي علي شبا سان گڏ دادو پريس ڪلب پهچي صحافين اڳيان ڏانهيو ته عيد جي ڏينهن راڌڻ شهر ماڻهن جي شادي ۾ وڃي رهيا هئاسين ته راڌڻ شهر ۾ ٻاڦر ماڻهن نثار، ستار، غلام رسول سولنگي ۽ ٻين نامعلوم ماڻهن زبردستي سلمٰ ۽ 4 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪنڊرا ۾ ڏاريجا ۽ ڪلهوڙا تڪرار ٻيهر ڀڙڪي اٿيو، واڻهڙو عورت گولي لڳڻ سبب زخمي

ڪنڊرا (رپورٽر) ڏاريجا ۽ ڪلهوڙا تڪرار هڪ دفعو ٻيهر ڀڙڪي اٿيو سريعام هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا فائرنگ علائقو جنگ جو ميدان بڻجي ويو خوف و هراس پکڙيل واڻهڙو عورت گولي لڳڻ ڪري زخمي خوف ۾ نينگر به زخمي ٿي پيو ڪنڊرا ٿاڻي جي حد مين شهر ۾ خيرپور بس اسٽاپ جي نزديڪ ڏاريجا ۽ ڪلهوڙا برادري ۾ پراڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دادو: سيتا روڊ واسڻ بيواهه عورت ڌيءَ سان گڏجي ٻاڦرن خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

پيارو اسٽيشن ۾ ترقياتي ڪمن جي لاءِ آيل ڪروڙين روپيا ڪرپشن جي ور چڙهي ويا

ٽن سالن کان مهانا پيارو اسٽيشن جي پنج لک بجيٽ ڪرپشن جي ور چڙهي وئي آهي

گندگي جا ڍير پيل آهن نالين پڻ ابتيون وهي رهيون آهن مسئلو حل ڪرائي ڏنو وڃي: شهري

شهر جي پنج لکن کان مٿي بجيٽ اچي ٿي پر خبر ناهي ڪٿي خرچ ڪئي وڃي ٿي: ميڊيا سان ڳالهيون

پيارو اسٽيشن (رپورٽر) پيارو اسٽيشن ۾ صفائي ۽ ترقياتي ڪمن جي لاءِ آيل ڪروڙين روپيا ڪرپشن جي ور چڙهي ويا نوٽيس ورتو وڃي مطالبو. گذريل ٽن سالن کان مهانا پيارو اسٽيشن جي پنج لک بجيٽ ڪرپشن جي ور چڙهي وئي شهري پاڻ صفائي ڪرڻ تي مجبور صفائي عملو مقرر ڪرڻ جو مطالبو خبر ناهي ٽن سالن کان شهر جي مهانا پنج لک بجيٽ ڪاٿي پئي خرچ ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

مورو ۾ فحاشي جي اڏن تي پنجاب جي ڇوڪرين سان جسم فروشي ڪرائڻ جو انڪشاف

شاهده ۽ پيءُ نظر عرف نظرو لغاري 32 چوڪ مان سال پهرين 15 لک ۾ خريد ڪري آيو: صائمه

بانڊي روڊ لڳ جمال شاهوڻ پنهنجي فحاشي جي اڏي تي وٺي آئي ۽ جسم فروشي ڪرائيندي رهي

ظهير سولنگي ولد وزير علي نالي شخص سان فون تي رابطو ٿيو جنهن مون سان شادي ڪئي: پريس ڪانفرنس

نوشهروفيروز (ڊ ر) مورو شهر ۾ فحاشي جي اڏن تي پنجاب مان ڇوڪريون خريد ڪري جسم فروشي ڪرائڻ جو ڇرڪائيندڙ انڪشاف ٿيو آهي. صائمه ولد محمد علي راجپوت ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته شاهده ۽ سندس پيءُ نظر عرف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نواب شاهه ٻارڙن جي سرڪاري اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي غفلت سبب ٻارڙي فوت

نواب شاهه (رپورٽر) نواب شاهه ٻارڙن جي سرڪاري اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي غفلت سبب ٽن مهينن جي معصوم ٻارڙي اليز ڌي حفيظ ڪوسو فوت اسپتال ۾ امڙ ۽ والد جو روح راڙو هيڊي وڏي اسپتال آهي رات کان وٺي ڪو به ڊاڪٽر موجود ناهي ڏانهون ڪرڻ باوجود ڪو ڊاڪٽر نه آيو نياڻي تڙپي تڙپي فوت ٿي وئي آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: فحاشي جي اڏي تان فرار ٿي شادي ڪندڙ ناري انصاف لاءِ احتجاج ڪندي

ڏوڪري ۾ گاجيديرو واسي ريٽائر استاد پاران پٽ ۽ ڀائٽي جي اغوا خلاف احتجاجي مظاهرو

ريٽائر استاد بشير احمد ڪوڪر جي پٽ ۽ ڀائٽي جي اغوا خلاف روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو، شديد نعريبازي

25 کان 30 نامعلوم هٿياربندن قبضو ڪري منهنجي 250 مڻ ڪڻڪ، 16 عدد سولر پليٽون ڦر ڪئي

هٿياربند منهنجو پٽ ۽ ڀائٽيو نالي امداد علي ۽ عبادت احمد کي اغوا ڪري کڻي ويا، نوٽيس ورتو وڃي

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري لاڙڪاڻو مين روڊ تي گاجيديرو واسي ريٽائر استاد بشير احمد ڪوڪر جي پٽ ۽ ڀائٽي جي اغوا خلاف روڊ بند ڪري ڳوٺ حيدر بروهي وٽان ڌرڻو هنيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ استاد بشير ڪوڪر جو چوڻ آهي ته گذريل رات منهنجي زمين تي ڪڻڪ جو ٿريشر هلي رهيو هو ته 25 کان 30 نامعلوم هٿياربندن قبضو ڪري منهنجي 250 مڻ ڪڻڪ، 16 عدد سولر پليٽون، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز ۾ بدامني جي باهه ڀڙڪيل، جي ڏينهن شهري کان ڦرلٽ

عيد جي ڏينهن شهري کان موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر، شهرين جو احتجاج

چور ڏينهن ڏٺي جو موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦري آساني فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

اڳواڻن غلام حسن ڪلهوڙو، غلام سرور راڄپر، ذوالفقار پيرزاده ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ضلعي نوشهروفيروز ۾ بدامني جي باهه ڀڙڪيل. عيد جي ڏينهن شهري کان موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر، شهرين جو احتجاج خبر موجب ضلعي نوشهروفيروز ۾ بدامني جي باهه ڀڙڪيل آهي عيد جي ڏينهن شهري غلام مصطفيٰ ڪلهوڙو کان چور عيد جي پهرين ڏينهن ڏينهن ڏٺي جو موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦري آساني فرار ٿيڻ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ساحلي پٽيءَ جي مختلف علائقن ۾ زهر پي خودڪشي ڪندڙن ۾ اضافو ٿي ويو

ٺٽو (رپورٽر) ٺٽي جي ساحلي پٽيءَ جي مختلف علائقن ۾ زهر پي خودڪشي ڪندڙن ۾ اضافو ٿي ويو. ڳاهي جي ڳوٺ ويجهو ڪجي جي ڳوٺ صابو ڳاهو ۾ گهرو انبشت تان ڳوٺ جي 3 عورتن ۽ هڪ مرد زهر پي خودڪشي جي ڪوشش ڪئي. جن کي جناح اسپتال ڪراچي منتقل ڪيو ويو، جتي 2 عورتون فوت ٿي ويون. سنڌن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز: وڌندڙ بدامني خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو پاران عيد مشاعرو منعقد، ساڃاهه وندن جي شرڪت

نالي واري اديب سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل تاج جويو جي صدارت ۾ ٿي گذريو

جس لهڻن مورو ادبي سنگت جا دوست جن سدائين وڏا وڏا پروگرام ڪرائي پنهنجو پاڻ ملهايو آهي: تاج جويو

ادبي بورڊ کان مطالبو ڪيون ٿا ته فورن ڊڳي وارو لوگو بحال ڪري سنڌ جي ماڻهن جي مايوسي ختم ڪئي وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو پاران عيد مشاعرو مهراڻ سٽيزن ۾ ٿي گذريو سنڌ جي نالي واري اديب سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل تاج جوئي جي صدارت ۾ ٿي گذريو هن پروگرام جو مهمان خاص ابر ظفر تگڙ ضلع رابطا سيڪريٽري، احساس ميرل سيڪريٽري آڏيرو لعل ممتاز خادم ميمڻ غلام علي عامر تنها سخاوت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪينٽ روڊ بدين جي رهواسي ماستر جي گهرواري خودڪشي ڪري ڇڏي

مولا بخش خاصخيلي جي گهرواري 48 سالا نرس شمشاد خودڪشي ڪري ڇڏي

خودڪشي ڪندڙ عورت شمشاد عرف شمع جو گهر ۾ ڪنهن ڳالهه تان جهيڙو هلندڙ هو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڪينٽ روڊ بدين جي رهواسي ماستر مولا بخش خاصخيلي جي گهرواري 48 سالا نرس شمشاد عرف شمع خاصخيلي گهر واري سان ناراضگي سبب خودڪشي ڪري پنهنجو انت آڻي ڇڏيو. خبر موجب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز سول سرجن پاران عيد الفطر جي موڪلن ۾ سول اسپتال جو دورو

سول سرجن سهولتن بابت پڇاڻو ڪندي ڊاڪٽرن توڙي عملي جي حاضري چيڪ ڪئي

عبدالخالق عباسي، چيف ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر سيد آچر شاهه، ڊاڪٽر محمد صفرچنه گڏ هئا

نوشهروفيروز (ڊ ر) سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو پاران عيد الفطر جي موڪلن ۾ ٻه روزانو سول اسپتال جو دورو ڪندو رهيو ۽ مريضن کان طبعيت ۽ ملندڙ سهولتن بابت پڇاڻو ڪندي ڊاڪٽرن توڙي عملي جي حاضري چيڪ ڪئي ۽ سهولتون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهروفيروز: سول سرجن ۽ سندس ٽيم عيد جي موڪلن باوجود اسپتال جو دورو ڪندي

شڪارپور ناروپور ۾ گٽرن اٿلي پوڻ سبب سيلابي منظر جا ڏيک

گندو پاڻي گهرن ۾ ڪاهي پوڻ سبب اداسي تڪليف ۽ پريشاني جي ور چڙهي ويون

مختيارڪاري قبرستان توڙي ناروپور لنڪ روڊ واري قبرستان ڏانهن ميتون کڻي وڃڻ ۾ ڏکيايون

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور ناروپور ۾ گٽرن اٿلي پوڻ سبب سيلابي منظرن جا ڏيک بدستور موجود گندو پاڻي گهرن ۾ ڪاهي پيو ٻار پيدا ۽ عورتون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

شڪارپور پوليس جون ڪارروايون، ايراني ڊيزل اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام

پوليس پاران وڏي مقدار ۾ 1770 ليٽر ايراني ڊيزل برآمد 3 جوابدار گرفتار ڪيا ويا

اسمگلنگ جي روڪٿام لاءِ ايس ايس پي حڪمن کي نظر ۾ رکندي ڪارروايون ڪيون ويون

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور پوليس جون ڪارروايون، ايراني ڊيزل اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام، وڏي مقدار ۾ 1770 ليٽر ايراني ڊيزل برآمد 3 جوابدار گرفتار، 3 هينو مزدا پوليس جي حراست ۾ قانوني ڪارروائي. تفصيل موجب: نيوفوجداري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڏوڪري ۾ مولا بخش شيخ جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف شيخ برادري پاران احتجاج

حضوران خاتون بيگم خاتون غلام ياسين شيخ نواب علي شيخ مختيار علي ريلي ڪڍي

ڏوڪري جوڳي محلا ۾ مين روڊ تي سرعام بيدردي سان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا: مظاهرين

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري مولا بخش شيخ جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف شيخ برادري پاران ڏوڪري پوليس خلاف ريلي ڪڍي جيڪا مختلف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڏوڪري: مولا بخش شيخ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪيل احتجاج جو ڏيک

سکر ۾ اي سيڪشن ٿاڻي تي مقرر ايس ايڇ او جي شهرين لاءِ آزار بڻيل

عوامي شڪايتن باوجود ايس ايس پي سکر الائي ڪهڙن سببن سبب خاموش

باشعور عوام کي سرداري نظام واري علائقن وانگر رڍن ۽ ٻڪرين جهڙو سمجهڻ لڳو

سکر (رپورٽر) سکر ۾ اي سيڪشن ٿاڻي تي مقرر ڪنڊڪوٽ ڪشمور کان آيل ايس ايڇ او سکر جي شهرين لاءِ آزار بڻيل آهي. عوامي شڪايتن باوجود ايس ايس پي سکر الائي ڪهڙن سببن سبب خاموش. تفصيل موجب، ڪنڊڪوٽ ڪشمور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

تحريڪ انصاف ٺٽي جي سينيئر اڳواڻ پاران ڊاڪٽر عارف علوي سان ملاقات

سينيئر اڳواڻ آصف راڄڙ سينيئر اڳواڻن سيد امجد شاهه سان گڏ ملاقات ڪئي

تنظيمي صورتحال ۽ سياسي صورتحال سميت ٻين مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي جي سينيئر اڳواڻ آصف راڄڙ ۽ 2018ع جي اليڪشن ۾ ٺٽي جي صوبائي تڪ پي ايس 78 تان پاڪستان تحريڪ انصاف جي ٽڪيٽ تي صوبائي اليڪشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽو: صدر پاڪستان عارف علوي سان گڏ پي ٽي آءِ اڳواڻ بيٺل آهن

ڪنڊيارو ۾ ڊي ايڇ او نوشهروفيروز پاران تعلقه اسپتال تي اوچتو ڇاپو، جنريٽر بند پيل

ڊي ايڇ او اسدالله ڪلهوڙو تعلقه اسپتال جو اوچتو ڇاپو هڻي مختلف واردن جو دورو ڪيو

دوري دوران بجلي غائب ۽ جنريٽر بند پيل هيو ۽ موبائل بتي ٻاري واردن جو جائزو ورتو

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڊي ايڇ او نوشهروفيروز اسدالله ڪلهوڙو رات جي وقت تعلقه اسپتال جو اوچتو ڇاپو هڻي مختلف واردن جو دورو ڪيو دوري وقت اسپتال مان بجلي غائب ۽ جنريٽر بند پيل هيو ۽ موبائل بتي ٻاري واردن جو جائزو ورتو ڊي ايڇ او جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڊي ايڇ او نوشهروفيروز حفاظتي ٽڪن جو عالمي هفتو ملهائڻ جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ٽڪن جو عالمي هفتو ملهائڻ جو افتتاح ڪري ڇڏيو، تعلقه اسپتال مورو ۾ جاڳرتا ريلي

ٻن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي 12 بيمارين کان بچاءَ جا حفاظتي ٽڪا لڳائيندا: عملدار

مورو (رپورٽر) ڊي ايڇ او نوشهرو فيروز ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو ضلع نوشهرو فيروز ۾ حفاظتي ٽڪن جو عالمي هفتو ملهائڻ جو افتتاح ڪري ڇڏيو تعلقه اسپتال مورو ۾ جاڳرتا ريلي پڻ ڪڍي وئي جاڳرتا ريلي کي خطاب ڪندي ڊي ايڇ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سرحد پريس ڪلب جي صدر ۽ سينيئر صحافي راڻا راحت جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

راڻا محمد اقبال مختصر عرصو بيمار رهڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو، ساڃاهه وندن پاران تعزيت

شفيع محمد ابڙو، ڪاشف ڦلپوٽو، عبدالحميد ابڙو، عطا حسين سومرو، سميت ٻين تعزيت ڪئي

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد پريس ڪلب سرحد جي صدر ۽ سينيئر صحافي راڻا راحت جو والد حاجي راڻا محمد اقبال مختصر عرصو بيمار رهڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو، صحافين سميت، سياسي سماجي تنظيمن،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سرحد: صحافي راڻا راحت جي والد جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

گولاڙچي پرسان پناڻن هٿان نوجوان اغوا، يرغمال سخت مارڪٽ، پيرسن ماءُ جو احتجاج

مولابخش نهڙيو کي علائقي جي بااثر پناڻن مبينا طور اغوا ڪري اوطاق تي ڪٺي تشدد ڪيو

هٿياربندن اغوا ڪري اوطاق ۾ يرغمال بڻائي چوري جو ڏوهه باسڻ لاءِ سخت تشدد ڪيو: مولابخش

پٽ کي اغوا ڪري ناحق روڪ بند ۾ رکي تشدد ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانوني قدم کنيو وڃي: والده

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) گولاڙچي پرسان پناڻن هٿان نوجوان اغوا اوطاق تي يرغمال سخت مارڪٽ پيرسن ماءُ جو احتجاج تفصيل موجب گولاڙچي پرسان ڳوٺ خميسو نهڙيو جي رهواسي مولابخش نهڙيو کي عيد واري رات علائقي جي بااثر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

علي واهڻ جي رهواسين جو گهر مان چوري جي خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪنڊرا (رپورٽر) علي واهڻ جي رهواسين جو اصغر سومرو ۽ ٻين جو گهر مان مبينه ٿيل چوري جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هنن ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو ته منهنجي گهر مان جسڪاڻي برادري جي شاهد عابد آصف جسڪاڻي گهر ۾ گهڙي ۽ تولا سون ٻه لک اسي هزار روڪ رقم چوري ڪري ويا آهن جتي مزاحمت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

بدين: گولاڙچي واسي بااثر پناڻن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنڊيارو پرسان ٻارن جي ڳالهه تان جهيڙو، ڌڪ لڳڻ ڪري 65 ورهين جي عورت فوت

ڳوٺ ساجن مگريو ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان مگريا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

سرن جو آزادانه استعمال جي نتيجي ۾ ڌڪ لڳڻ سبب 65 ورهين جي عورت بيبل خاتون فوت ٿي وئي

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو پرسان ٻارن جي ڳالهه تان جهيڙو، جهيڙي دوران مبينه ڌڪ لڳڻ ڪري 65 ورهين جي عورت فوت، هڪ عورت سميت ٻه ڄڻا زخمي ڪنڊيارو پرسان ڳوٺ ساجن مگريو ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان مگريا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ لٺيون ۽ سرن جو آزادانه استعمال جي نتيجي ۾ مبينا ڌڪ لڳڻ سبب 65 ورهين جي عورت بيبل خاتون فوت ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

جاتي واسي جو برادري جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو، نوٽيس وٺي انصاف جي گهر

جاتي لڳ ڪيجي موري ڳوٺ عارف عباسي جو رهواسي سليمان ملاح ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بااثر مونکي ۽ منهنجي پٽ عرس ملاح کي حراسان ڪري موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: الزام

موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ اسان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

سجاول (ڊ ر) جاتي واسي جو برادري جي ظلمن خلاف احتجاج، جاتي لڳ ڪيجي موري ڳوٺ عارف عباسي جو رهواسي سليمان ملاح، عرس ملاح ۽ الله بخش ملاح سان گڏ سورج سجاولي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته منهنجي ملاح برادري جا ماڻهو ايوب ملاح، محمد ملاح ۽ حسن ملاح وارا زوري منهنجي نياڻي جو سنگ ڏيڻ لاءِ مونکي ۽ منهنجي پٽ عرس ملاح کي حراسان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪنڊرا لڳ ڳوٺ ماڙي جان الله شاهه ۾ شفقت عباس شيخ جي ٽوهن کي باهه

ڪنڊرا (رپورٽر) ڪنڊرا لڳ ڳوٺ ماڙي جان الله شاهه ۾ شفقت عباس شيخ جي زمين ۾ رکيل ٽوهن کي باهه لڳي لکين رپين جو نقصان فائر برگيڊ کي اطلاع باوجود وقت تي نه پهچڻ سبب باهه تي ضابطو نه اچي سگهيو لکين روپين جو نقصان ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه وسائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل ان موقعي تي باهه متاثر شفقت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سجاول: جاتي جي ڳوٺ عارف عباسي واسي بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

غلام الله لڳ 103 موري تي ڳوٺ محمد موسا نوتيار ۾ پيش آيل واقعي جي اڳيرائي نه ٿي

زميني تڪرار ۾ پنهور ۽ نوتيار برادري ۾ ٿيل تڪرار ۾ هڪ تپيدار علمدار شاهه پڻ مارجي ويو هو

ڌرين ۾ معاملو شدت اختيار ڪري ويو آهي نوتيارن جو ڳوٺ مڪمل طور خالي ٿي ويو آهي: ذريعا

اسان سان ظلم قيامت کان گهٽ نه آهي، ٻچڙا دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهن: نوتيار برادري

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) غلام الله لڳ 103 موري تي ڳوٺ محمد موسا نوتيار ۾ پيش آيل واقعي ۾ ڪا به اڳيرائي ٿي نه سگهي آهي. ڳوٺ ۾ اڃا ٿاڻي پوليس جو ڪڙو برقرار آهي زميني تڪرار تان پنهور برادري ۽ نوتيار برادري ۾ ٿيل تڪرار ۾ هڪ تپيدار علمدار شاهه پڻ مارجي ويو هو جنهن کان پوءِ معاملو شدت اختيار ڪري ويو آهي نوتيارن جو ڳوٺ مڪمل طور خالي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ميهڙ جي ڳوٺ محراب ڳوڙ اي سيڪشن ۾ نياڻي سان جنسي جي ڏاڍائي، جوابدار فرار

وحشي جوابدارن پندره سالن جي نياڻي کي زبردست جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻائي ڇڏيو: وارث

جوابدار پهلوان قمبراڻي 15 ورهين جي نياڻي صاحبه کي زيادتي جو نشانو بڻايو آهي: سردار قمبراڻي

پوليس جوابدارن کي گرفتار نه ٿي ڪري جوابدار ۽ سندس جو چاچو هاشم قمبراڻي موتمار ڌمڪيون ڏين ٿا

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ محراب ڳوڙ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ جوابدارن پندره سالن جي نياڻي کي زبردست جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻائي ڇڏيو پارڙي جا جزا ورتا ويا جوابدار فرار، زيادتي جو شڪار نياڻي ۽ سندس والدين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نواب شاهه جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ وڏي منشي جي زيادتين خلاف احتجاج

نواب شاهه (رپورٽر) نواب شاهه جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد واقعي، مجاهد ڪالونيءَ، جي رهواسي، مردن عورتن ٻارڙن، امام بارگاهه جاگيرءَ عباس جي متولي عبدالمجيد، عرف والو، سليم رند، ۽ مسمات صباح صديقي، مسمات شهزادي بلوچ ۽ ٻين نواب شاهه پريس ڪلب ٻاهران، عيد جي ڏينهن ٻي سيڪشن ٿاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ميهڙ: مبينا جنسي ڏاڍائي جو شڪار ٿيل ناري والد سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي

واپارين کي درپيش مسئلا حل ڪري سهولتون فراهم ڪرڻ فرض آهي: غلام مصطفيٰ ڦل

مسئلن جي حل سميت ٻين مسئلن جي خاتمي لاءِ واپارين جي تجويزن ۽ مشاورت سان قدم کڻنداسين

پارڪن جي بهتري، نڪاسي نظام جي درستگي سميت جيڪي به شهر جي بهتري جي لاءِ قدم کنيا ويندا

جلد هڪ موثر حڪمت عملي ترتيب ڏيئي ڪري شهر جي بهتري جي لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کڻنداسين

سکر (رپورٽر) ڪمشنر سکر ڊويزن غلام مصطفيٰ ڦل چيو آهي ته سنڌ جو ٽيون نمبر وڏو شهر سکر سنڌ بلوچستان جو تجارتي حب آهي، هتان جي واپارين کي درپيش مسئلا حل ڪري انهن کي سهولتون فراهم ڪرڻ انتظاميا جو فرض آهي، شهر ۾ صفائي سٿرائي جي بهتري، نڪاسي نظام جي درستگي، روڊن جي تعمير، ٽريفڪ جام جي مسئلن جي حل سميت ٻين مسئلن جي خاتمي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

اڄ جي دور ۾ نوجوانن کان موبائل جو نشو ختم ڪرائڻ جي ضرورت آهي: لطف مهدوي

ڪم ڪري اڳتي وڌڻو پوندو ٻي صورت ۾ اسان اڃا وڌيڪ جهالت جي ڏٻڻ ۾ ڦاسندا وينداسين

اسان کي هن وقت علمي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي ناهڻي آهي، نوجوانن جي سهائتا ڪنداسين

اعجاز ممنائي علي اصغر بوزدار نثار علي منتظري غلام علي ملاح ڪامران رضا سومرو ۽ ٻين پاران شرڪت

نوشهروفيروز (ڊ ر) اڄ جي دور ۾ نوجوانن کان موبائل جو نشو ختم ڪرائي علم جي حصول لاءِ ڪم ڪري اڳتي وڌڻو پوندو ٻي صورت ۾ اسان اڃا وڌيڪ جهالت جي ڏٻڻ ۾ ڦاسندا وينداسين اهڙن خيالن جو اظهار سينئر تنظيمي رهنما لطف مهدوي اصغريه پاڪستان پاران ملهايل عيد ملن پارٽيءَ کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته اسان کي هن وقت علمي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

انهڙ موري پرسان ڳوٺ ميران بروهي جو ڏيڻ جو پلوڙ خفتي واٽر ۾ ٻڏي فوت

انهڙ موري (رپورٽر) انهڙ موري پرسان ڳوٺ ميران بروهي جو ڏيڻ جو پلوڙ خفتي ماستر عبدالعزيز بروهي واٽر جي پل ۾ ڪرڻ سبب فوت ٿي ويو فوتي شخص جو لاش گهر آندو ويو ته سندس گهر ۾ عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون فوتي شخص جي وارثن جعفر بروهي خير محمد بروهي احتجاج ڪندي چيو ته شفيع آباد ڪان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز: اصغريه پاڪستان جا عهديدار بيٺل آهن

ڏوڪري ٿاڻي جي حد ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي، هٿياربندن پاران نوجوان کان ڦرلٽ

احسان واهڻ لاڙي وٽان هٿياربندن پاران هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي موٽر سائيڪل ڦر

مختلف روڊن رستن تي رات جي وقت نامعلوم ڌاڙيل سرعام روڊن تي گهمي رهيا آهن: شهري اڳواڻ

معاملي جو نوٽيس وٺي مسڪين پورهيت سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج وسيع ڪنداسين

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ٿاڻي جي حد ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي، نوجوان مسڪين پورهيت محمد ملوڪ ڪنير کان عيد رات ڳوٺ احسان واهڻ لاڙي وٽان هٿياربندن پاران هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي موٽر سائيڪل، موبائيل فون، روڪ رقم سميت ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ٿاڻي جي مختلف روڊن رستن تي رات جي وقت نامعلوم ڌاڙيل سرعام روڊن تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 26 اپريل 2023ع

سنڌ سرڪار لاءِ 'آل اِن ون' صلاح

سنڌ جي قانون کي ڌاڙيلن ۽ ڌوهارين 'اغوا' ڪري ورتو آهي، جنهن ڪري سنڌ ۾ قانون جي عملداري ته پري جي ڳالهه، ان جي وجود جي ثابتي به نٿي ملي، اهو اسان ان ڪري ٿا چئون ته، قانون، جي موجود هجي ها ته ان جو فولادي هٿ ضرور حرڪت ۾ اچي ها. عيد کان هڪ ڏينهن اڳ قبيلائي دهشتگرديءَ ۾ ٻارڙن ۽ عورتن سوڌو هڪ ئي گهر جي پنجن ڀاتين سميت 7 ڄڻا قتل نہ ٿين ها. قانون موجود هجي ها ته قمبر_ شهدادڪوٽ ضلعي جي وڳڻ ٿاڻي جي حد ۾ هڪ نوجوان ناريءَ کي قتل ڪرڻ کانپوءِ ان جي لاش کي ساڙي ڪوئلو نہ ڪيو وڃي ها. قانون موجود هجي ها ته بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ماڻهن کي ڀُنگ خاطر اغوا ڪندڙ ڌاڙيلن جي آڏو رڪاوٽ ضرور بڻجي ها. قانون جو ڪو ڏس پتو ڪونهي، قانون سان اها وارادات ڪنهن ڪئي آهي، اها ڳُڻتيءَ جوڳي ڳالهه آهي، جنهن تي سنڌ جي منتظمين کي ڳڻتي نہ هجڻ به وڏي ڳڻتيءَ جي ڳالهه آهي. سنڌ ۾ قبيلائي دهشتگردي عروج تي آهي. اسان ٻاڻ کي قوم سڏايون ٿا ۽ قبيلو ته ارتقا جي ادنيٰ درجي تي هوندو آهي، پر هتي ته سڄي اُٽت قبيلائي نظر ايندي. اهي ئي ڪيترن پيڙهين کان هلندڙ قبيلائي جهيڙا، اهي ئي عورتن جي قتل جا واقعا. اهي ئي ماڻهن جا اغوا. ائين ٿو محسوس ٿئي، ڄڻ سنڌ روانڊا جي راهن تي هلي پئي هجي! سنڌ جي منتظمين کي ته ڪا به پرواهه ناهي. اهي اهو رت روئاڙيندڙ لقاءُ وڏي عرصي کان انتهائي 'عفو ۽ درگذر' جو مظاهرو ڪندي ڏسندا رهيا آهن، ڄڻ ته امن امان انهن جي آئيني ۽ منصبي ذميواري ئي نہ هجي! ائين تي قديم زمانن ۾ تڏهن ٿيندو هو، جڏهن اڃا رياست جو وجود نہ هوندو هو. جڏهن وسندين تي لشڪر هلان ڪندا هئا. لُٽ مار ڪري، ماڻهو ماري وستين کي تاراج ڪندا هئا. ڳوٺن ۽ شهرن کي اجاڙي ڇڏيندا هئا. تڏهن نہ ڪو قانون هوندو هو ۽ نہ ئي ڪا مرڪزي حڪومت. هن جديد دور ۾ سنڌ ۾ اهي قديم زمانن واريون حالتون ڇو آهن؟ اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته، سموري قبيلائي دهشتگرديءَ، ڀُنگ خاطر اغوا، عورتن جي قتل سميت ڏوهن جي راڪاس جو جنهن طوطي ۾ ساهه آهي، ان طوطي جو نالو آهي 'اشرافيہ'. اها ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ 'اشرافيہ' آهي، جنهن جا حامي ۽ حمايتي، اختيار ۽ اقتدار جي ايوانن ۾ ويٺل ٿا محسوس ٿين، ڇو ته جڏهن ان 'طوطي' جي ڪنڌ ۾ هٿ وجهڻ ۽ ان جو ڳاٽو مروڙڻ لاءِ آواز اٿن ٿا ته ان تي عمل ۾ به اهي ئي رڪاوٽ بڻيل آهن. لڳي ائين رهيو آهي ته اهي ڏوهاري رياست کان ڏاڍا آهن. ٻين لفظن ۾ ائين ڪئي چئجي ته رياست انهن ڏوهارين کان هيٺي آهي. جڏهن رياست ڏوهارين جي سامهون پنهنجي ڪمزوريءَ جو مظاهرو ڪري ته باقي رهجي ئي ڇا ٿو وڃي! ڏوهہ. انهن ڏوهارين جي معيشت بڻيل آهي. رياستي قانون جي متوازي ۽ متبادل انهن جو پنهنجو قانون هلي ٿو. جيڪو آهي 'جرڳائي قانون'. سنڌ انتظاميا کان ڌاڙيل به ختم نٿا ٿين، قبيلائي دهشتگرديءَ اڳيان به اها عاجز آهي، عورتن جو قتل به روڪرائي نٿي سگهي ته ان سلسلي ۾ سنڌ انتظاميا کي 'آل اِن ون' صلاح اها آهي ته، ان طوطي جي ڪنڌ_ مروڙ ڪئي وڃي، مطلب ته ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ 'اشرافيہ' ۾، قطع نظر انهن جي سياسي وابستگيءَ جي، هٿ وڌو وڃي. اسان سنڌ سرڪار کان اها گهر ڪرڻ ۾ حقي واجبي آهيون ته، سنڌ ۾ پوليس کاتي ۾ سياسي مداخلت ختم ڪئي وڃي ۽ پوليس کي فري هينڊ ڏنو وڃي ته جيئن اها ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ 'اشرافيہ' ۽ ان جي 'مجرم سپاهہ' ۾ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي هٿ وجهي سگهي. جرڳائي ڀوتارن ۽ چونڊيل نمائندن جي فرمائش تحت پوليس عملدارن جون مقرريون نہ ڪيون وڃن. قبيلائي دهشتگرديءَ خلاف ترت تحرڪ وٺندي جهيڙيندڙ ڌرين کي بي هٿيار ڪيو وڃي.

هن سال ٻوڏ کان بچاءُ لاءِ اڳڀرائي جي ضرورت

نصير ميمڻ

گذريل هفتي سنڌ جي ٻن سول سوسائٽي ادارن سنڌ واچ ۽ سانا پاران ڪراچي ۾ هڪ سيمينار ڪوٺايو ويو، جنهن جو عنوان هو، "ڇا سنڌ وري ٻڏي ويندي؟" سيمينار ۾ رٿابندي ۽ ترقيءَ رٿائن واري کاتي، آبپاشي کاتي، زراعت واري کاتي ۽ يونيورسٽي توڙي سول سوسائٽي جي فني ماهرن پرزنٽيشنز ڏنيون. هي سيمينار اهڙي وقت تي ڪوٺايو ويو، جڏهن چوماسي جي ايندڙ مُند ۾ ٽي مهينا به نہ بچيا آهن. گذريل سال جي تباهي مان سنڌ اڃا ساهہ ناهي پٽيو ته مٿان ايندڙ چوماسي جي مُند ماڻهن ۾ ڌڪاءُ پکيڙي ڇڏيو آهي. اهو ڌڪاءُ گذريل جي اذيتناڪ تجربن جي ڪري پيدا ٿيو آهي. گذريل سال سنڌ ۾ آگسٽ مهيني ۾ سراسري ساليانو مينهن جي ڀيٽ ۾ ست سئو سيڪڙي کان به وڌيڪ مينهن وسيو، جنهن جي نتيجي ۾ شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ غير معمولي ٻوڏ آئي. هيٺي پاسي بلوچستان ۾ سنڌ جي سرحد سان ڳنڍيل علائقن ۾ جولاءِ کان شروع ٿيل مينهن جو پاڻي به کيرٿر جابلو سلسلي وٽان سنڌ ۾ داخل ٿيو. بلوچستان ۾ جولاءِ ۾ معمول کان 450 سيڪڙو وڌيڪ مينهن پيو. سنڌ حڪومت کي تڏهن ئي اک پٽڻ گهرجي ها ته پاڻي گهمي ڦري اولهندي پٽيءَ کان سنڌ ۾ ئي پهچندو. اهي مينهن آگسٽ ۾ به جاري رهيا. ايراضي ۽ مينهن جي ڊيٽا وسيلي اهو ڪاٿو لڳائڻ تمام آسان آهي ته ڪيترو پاڻي بلوچستان مان سنڌ ۾ داخل ٿيندو. پاڻي جي مقدار جي بنياد تي ٻوڏ جو ڪاٿو لڳائي متاثر ٿيندڙ علائقن جي رهواسين کي اڳواٽ خبردار ڪري پيو سگهجي ۽ ماڻهن کي علائقا خالي ڪرائڻ توڙي سندن واهر لاءِ اڳواٽ انتظام ٿي پئي سگهيا. بدقسمتي سان مهلائتي تياري نہ هجڻ سبب جڏهن قمبر_شهدادڪوٽ، خيرپور ناٿن شاهہ ۽ منڇر جي آسپاس جا علائقا ٻڏڻ جو وقت آيو ته هزارين ڪٽنب بنا ڪنهن سرڪاري واهر جي پنهنجي حال آهر گهر گهاٽ ۽ مال متاع ڇڏي مختلف علائقن ڏانهن سِر ترڻ تي ڪٽي نڪرڻ تي مجبور ٿيا. ٻار، پوڙها، اپاهج، ڳورهاريون عورتون به انهن قافلن ۾ ائين ئي شامل هئا ۽ ڪين سواري يا ڪا ٻي واهر مهيا نہ ڪئي وئي. اهي سمورا ماڻهو يا ته شهرن ۾ پنهنجي مِٽن مائٽن ۽ دوستن جي گهرن ۾ پناهہ وٺڻ تي مجبور ٿيا يا وري ٻي پهچ هجڻ جي صورت ۾ روڊن جي ڪناري يا واهن جي بندن تي وڃي ويٺا. جيئن تي حڪومت واهر لاءِ ڪي به اڳواٽ انتظام نہ ڪيا هئا، تنهنڪري ڀهريان به هفتا لڳي ٻوڏ سٽيل مقامي ۽ خيراتي ادارن جي واهر تي ڌڪيا ڏينهن ڪاٽيندا رهيا. وٽن پناهہ لاءِ ڪي تنبو نہ هئا. ڪيترائي ڪٽنب رستن تي ڪائيون ڪوڙي مٿان رليون رکي اجها ناهي ويٺل رهيا. اڳتي هلي سرڪار ۽ غير سرڪاري اين جي اوز جي واهر پهچڻ لڳي پر جيئن ته ٻوڏ سٽيلن جو تعداد وڏو ۽ وسيلا گهٽ هئا، تنهنڪري سڄي سنڌ مان واهر جي سامان جي ورهاست ۾ سياسي مداخلت جي دانهن شروع ٿي وئي. اڳتي هلي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي آڊيٽر جنرل جڏهن رليف فنڊن جي استعمال جي آڊٽ ڪرائي ته ڪيترن ئي هنڌن تان هيرا ڦيري جا انڪشاف ٿيا. هن سال حڪومت کي گهرجي ته گذريل سال جي تجربن مان سکندي هن سال بلوچستان ۾ موسم، خاص ڪري برساتن تي نظر رکي ۽ صورتحال بابت سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ وارن ضلعن جي رهواسين کي مهلائتي ڄاڻ ڏيندي رهي. جيڪڏهن گذريل سال جيان هيل به بلوچستان ۾ وڏا مينهن پون ته قمبر_ شهدادڪوٽ، دادو ۽ ڄامشوري ضلعن جي اولهندي پٽيءَ وارن علائقن لاءِ اڳواٽ جوڳا بندوبست ڪري. گذريل سال بلوچستان مان آيل غيرمعمولي وهڪرن جي نتيجن ۾ پاڻي ايف پي بند، ايم اين وي ڊرين/ آر بي او ڊي جا ڪپر ۽ آبپاشي واهن جا بند ٽوڙي شهرن تائين اچي پهتو. خيرپور ناٿن شاهہ ٻڏي ويو، ميهڙ ۽ جوهي کي شهرين، ڪجهہ چونڊيل نمائندن ۽ ڪجهہ فرض شناس سرڪاري آفيسرن گڏجي بند ٻڌي ٻڏڻ کان بچايو. جڏهن ته دادو، ڀان سيد آباد ۽ سيوهڻ کي بچائڻ لاءِ منڇر جي بند ۽ سنڌو درياءَ جي بند کي سيوهڻ لڳ رليف ڪٽ ڏئي ٻوڏ جو پاڻي نيڪال ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ سيوهڻ ۽ ڀان سيد آباد وچ ۾ سوين ننڍا وڏا ڳوٺ ٻڏي ويا. هن وقت وڏين آبادين وارن شهرن اڳيان بچاءُ بند ناهي انهن کي گذريل ٻوڏ کان اوچو رکيو وڃي ته جيئن ڪنهن امڪاني ٻوڏ کان انهن شهرن کي بچائي سگهجي ۽ انهن کي ٻڏڻ کان بچائڻ لاءِ هٿرادو گهارا هڻائي ٻهراڙيون نہ ٻوڙيون وڃن. گذريل سالن ٻوڏ کان بچاءُ وارن جن به بندن، سم نالن ۽ واهن کي گهارا پيا يا هنيا ويا، انهن جي چوڪسي ڪري پاڻيءَ جي دٻاءَ وارن ۽ ڪمزور حصن کي وقت سر پختو ڪيو وڃي. هڪ ڳالهہ چڱي ٿي آهي ته آبپاشي کاتي گذريل سال لڳل گهارن کي ورلڊ بينڪ جي سهڪار سان هلندڙ بحالي واري پروجيڪٽ هيٺ بند ڪري ڇڏيو آهي. البته ضرورت ان ڳالهہ جي آهي ته ٻوڏ کان بچاءُ واري سموري چار کي ڪرڙي اک سان ڏسي انهن کي مضبوط ڪيو وڃي. غير معمولي برساتن يا گليشيئر ڳرڻ سان ايندڙ وڏين ٻوڏن کي روڪڻ ايترو آسان ناهي. بندن کي ڪيترو به پختو ڪجي، اهي هڪ حد کان وڌيڪ ٻوڏ جي سٽ نہ سهي سگهندا. تنهنڪري آفتن جي حالت ۾ بدترين صورتحال جي تياري ڪرڻ ئي بهترين بچاءُ آهي. جانيون ۽ عوامي توڙي ذاتي ملڪيتون بچائڻ لاءِ مڪمل تياري هجڻ لازمي آهي. گذريل سال ڪيترن ئي موقعن تي تياري نہ هجڻ يا ڪمزور هجڻ جون ثابتيون سامهون آيون. هر سال صوبن توڙي وفاق جي چوماسي جي تياري جو هڪ پلان ٺهندو آهي. اها سموري اهم مشق ڪيترن ئي ورهين کان هڪ سرڪاري رسم ۾ تبديل ٿي وئي آهي. هن سال ان مشق کي سنجيده ورتو وڃي. نيشنل ۽ پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽيون ٻوڏ ۽ ٻين آفتن کان بچاءُ واري تياريءَ جون قانوني طور تي ذميوار آهن. صوبي اندر پي ڊي ايم اي کي بچاءُ واري تياري جي ڪم جي سرواڻي سونپڻ گهرجي. هيٺين سطح تي ڊسٽرڪٽ ڊزاسٽر مئنيجمينٽ ڪميٽيون مُهڙ وارو دستو هونديون آهن، پر انهن جو عملي طور وجود نظر نٿو اچي. سرڪار کي گهرجي ته ڊي ڊي ايم اي کي هر ضلعي ۾ باقاعده قائم ڪري انهن کي انساني، مالي ۽ مادي وسيلا فراهم ڪري ته جيئن ڪنهن هنگامي صورتحال ۾ اهي پنهنجي ڪردار ادا ڪري سگهن. هر ضلعي جون حالتون مختلف آهن، تنهنڪري ضروري آهي ته ضلعي سطح تي ٻوڏ بچاءُ جا پلان تيار ڪيا وڃن. مختلف سرڪاري آفيسرن، اين جي اوز ۽ رضاڪارن جي ذميوارين جو هاڻي کان ئي تعين ڪيو وڃي ۽ ضلعي سطح تي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ گهربل وسيلا/ سامان هن وقت ئي مهيا ڪيا وڃن. ايمرجنسي ٽرانسپورٽ، پاڻي نيڪال لاءِ موٽرون، انهن جي لاءِ ٻارڻ، تنبو، ڪاڌ خوراڪ، پاڻي، دوائون، ايمرجنسي لائٽون، ٻيڙيون، جنريٽر وغيره هاڻ کان ئي ضلعي سطح تي محفوظ جاين تي ذخيرو ڪيا وڃن. جيڪڏهن حڪومت کي ان ڏس ۾ فني واهر جي ضرورت آهي ته آفتن وقت ڪم ڪندڙ عالمي تنظيمن خاص طور تي گڏيل قومن جي ادارن کان مدد وٺڻ گهرجي، جن وٽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ جو وسيع تجربو آهي. سنڌ اڃا گذريل سال جي ٻوڏ سٽيلن کي ٻيهر آباد ناهي ڪري سگهي. 21 لک گهر، 20 هزار اسڪول، 8500 ڪلوميٽر روڊ، 165 پليون ۽ 1750 موريون نئين سر ٺاهڻ يا انهن جي بحالي ڪرڻ ڪرڇڙو ناهي. ان صورتحال ۾ جڏهن اڃا گذريل سال جي بحالي شروع مس ٿي آهي، سنڌ ڪنهن نئين آفت جي نقصان جو بار ڪڻي نہ سگهندي. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته مهلائتي تياري ڪري ته جيڪڏهن هن سال به وڏا مينهن پون يا ڪا ٻوڏ اچي ته نقصان جي شدت کي گهٽائي سگهجي. ان مقصد لاءِ هينئر ئي اپاءَ ۽ اڳڀرائي ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڇو ته آفت اچڻ ڪانپوءِ مهلت ناهي ملندي.

صوفِيءَ سيرُ سِين ۾، جئن رڳن ۾ ساهُ:
سا نہ ڪري ڳالهڙِي، جئن پويون پروڙي پساهُ:
آهِس اِيُ گناهُ، جي ڪا ڳري پَڌرِي

مووي جهڙو ناول ۽ ناول جهڙي مووي

ممتاز بخاري

جهڙي مهل بہ نيٽ فليڪس ڪوليان، آمريڪا ۾ ٺهيل فلم A man Called Otto سامهون اچيو وڃي. نيٽ عيد لاءِ ڳوٺ وڃڻ ٿيو تہ رستي ۾ اها مووي هلائي ڏسڻ شروع ڪئي ۽ سفر دوران هڪ ساهي ۾ ئي ڏسي پوري ڪئي. ان فلم جو ڊائريڪٽر جرمن ۽ سوئس نسل جو مارڪ فارسٽر آهي. ڀرپور احساساتي ۽ وجوديت واري فلم بہ آهي تہ هلڪي مزاح واري بہ آهي. فلم جي ٽائيٽل مان ئي مون کي لڳو تہ پڪ سان اها ڪنهن ادبي ڪهاڻي يا ناول جي بنياد تي ئي هوندي يا ڪنهن جي شخصيت جي ڪٿا مان ڪنيل هوندي. ڇو تہ فلم جي اُٺت بہ ان طرح جي هئي ۽ جنهن نموني مشهور ۽ سني اداڪار ٽام هانڪس جي اداڪاري آهي، اها ڏسندي بہ لڳي رهيو هو ڄڻ ناول پڙهجي رهيو آهي ۽ ان ۾ ڪردار ذهن جي اسڪرين تي هلي رهيا آهن. مون انٽرنيٽ تي جيئن سرفنگ ڪئي تہ اها ڳالهہ حقي نڪتي تہ اها فلم اصل ۾ اسڪاٽ لينڊ جي ناول نگار فريڊرڪ بيڪمن Fredrik Backman جي لکيل ناول 'اي مين ڪالڊ اووي' A man Called Ove تي آڌاريل آهي. هي ناول 2012ع ۾ سوئيڊش ٻوليءَ ۾ ڇپيو. پنهنجي ٻوليءَ ۾ ان ناول جون پنج لک کان وڌيڪ ڪاپيون وڪرو ٿيون ۽ اڳيئن سال اهوئي ناول 2013ع ۾ انگريزي ۾ ڇپيو تہ يورپ ۽ ٻي دنيا ۾ بہ ان کي ڀرپور پذيرائي ملي ۽ عالمي سطح تي گهڻ وڪرو ٿيندڙ ناولن ۾ شامل ٿي ويو ڇو تہ اهو دنيا جي ٽيهن جي لڳ ڀڳ ٻولين ۾ بہ ترجمو ٿيو. فريڊرڪ بيڪمن جا ان ناول بعد بہ ٻيا ناول My Grandmother Asked Me to Tell You She's Sorry ۽ Britt_Marie Was Here بہ ڇپيا آهن ۽ پڻ تہ هن جي انهن ٻنهي ناولن تي بہ فلمون ٺهيون آهن.

انٽرنيٽ جي دنيا بہ عجب آهي، سوا اهي اڃان اڳتي وٺي ويئي. اهو معلوم ٿيو تہ ان ناول تي سوئيڊش ٻوليءَ ۾ فلم بہ ٺهي، جيڪا 2015ع ۾ ڪرسمس واري ڏهاڙي رليز ٿي. فلم جو نالو ساڳيو ناول وارو 'اي مين ڪالڊ اووي' رکيو ويو جيڪو سوئيڊش ۾ En man som heter Ove آهي. فلم ايتري سٺي هئي جو 2016ع ۾ اڪيڊمي ايوارڊ لاءِ پرڏيهي فلم واري ڪيٽگري ۾ نامزد ڪئي وئي هئي. سوان ڳالهہ منهنجو تجسس اڃان وڌائي ڇڏيو تہ اهو ناول بہ هٿ ڪجي. وري بہ انٽرنيٽ وسيلي ئي پي ڊي ايف ۾ اهو ناول هٿ اچي ئي ويو. ناول پڙهڻ بعد لڳو تہ واقعي اهو ناول مووي جهڙو ئي آهي، جيئن مووي ڏسندي لڳو تہ اها ناول جهڙي آهي. سوئيڊش مووي مڪمل تہ ڏسڻ لاءِ ڪانہ ملي پر ان جا ڪجهہ حصا ۽ ٽريلر ڏٺم. حقيقت اها آهي تہ فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو تہ پنهنجيءَ مان وڌيڪ سٺي مووي ڪهڙي آهي؟ يا ناول وڌيڪ سٺو آهي يا ان تي ٺهيل فلمون؟ جيتوڻيڪ فلمن ۾ ناول جي ڪهاڻي ۽ ان جي ترتيب پٽاندڙ خاص فرق ناهي پر اسڪرين پلي ۽ ڊائلاگس ۾ فلمن جي گهرج موجب ڪجهہ ڌار ڪم ڪيو ويو آهي. عام طور هن مووي کي ڪاميڊي ڊراما چيو ويو آهي پر ناول پڙهندي يا مووي جا اڪثر حصا ڏسندي لڳي ٿو تہ ان ۾ ڪردار، زندگي ۽ وجود کي محسوس ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي سان سلهاڙجن ٿا. اووي Ove هڪ اهڙو ڪردار آهي، جيڪو سانس ٿيل حالتن سبب جتي مايوس بہ آهي ۽ ڪيئي ڀيرا هُو آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪري ٿو پر ان باوجود اهو پنهنجي هجڻ واري ويچار کي پاڻ کان جدا نہ ٿو ڪري سگهي ۽ نہ وري پنهنجي ٻرپاسي واري زندگيءَ کان هو لاتعلق رهي سگهي ٿو. محبوب زال سونجا جي وڇوڙي سبب هن جي ويڳاڻپ هن کي هڪ بخيل پوڙهو تہ بڻائي ٿي ڇڏي پر پوءِ بہ هو ٻرپاسي سان بہ جڙيل رهي ٿو تہ انهن واسطيدارن سان بہ تعلق کي پنهنجي منشا آڌار بہ جوڙي رکي ٿو ۽ ان لاءِ هو قانون تي عمل ڀيرا رهڻ لاءِ ڪوششون ڪندي نظر اچي ٿو ۽ ٻين کي بہ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ زور ڀريندو رهي ٿو هو ٻاڙي جو اٽوندڙ ماڻهو آهي، ان بخيلي سبب ڪمپني ڪيس اٺهٺ سالن جي ڄمار ۾ جبري ريٽائر ڪري ٿي. هو ملنسار تہ ناهي پر ٻين جي مدد کان بہ ڪيٻائيندڙ ناهي. ناول ۽ مووي ۾ هن جي زندگي فليش ۾ اچي ٿي. مين ڪالڊ اووٽو ۾ فليش بيڪ ۾ سنڊس هٽ ۾ Mikhail Bulgakov جو ناول Master and Margarita ڏيکاريل هوندو آهي، ان جو سبب اهو آهي تہ فلم ۾ هڪ ٻليءَ بہ ڪردار آهي، جيڪا ناول ۾ بہ ٻي باب کان اچي ٿي، پر ناول نگار فريڊرڪ بيڪمن پنهنجي سوئيڊش ناول ۾ ميخائيل جي ان ناول جو ڪوبہ ذڪر ناهي ڪيو فلم ۾ اها ٻليءَ جي نسبت سان هڪ فينٽسي ناهي وئي آهي، بلڪل ائين جيئن آمريڪي فلم ۾ اووٽو Otto جو ٻهريون سين آهي تہ هو هڪ رسي جي خريداري ڪري ٿو جيڪا هو آپگهات لاءِ وٺي ٿو پر ناول ۾ اووي Ove بہ هڪ دڪان تي آهي پر هو ڪمپيوٽر خريدڻ آيو آهي، جيڪو هو خريد نہ ٿو ڪري ۽ ان ٻهرين باب جو نالو بہ اهوئي آهي. ٻلي ناول توڙي فلم ۾ هڪ لازمي ڪردار طور واقعن توڙي ڪردارن کي ڳنڍڻ لاءِ آنڊل آهي. اووي اهو ماڻهو آهي، جيڪو ان رهائشي علائقي جي ريزيڊنٽس ايسوسيئشن جو چيئرمين بہ رهي چڪو آهي. هو ڪالوني کي بلڊر مافيا کان بچائڻ جو ڪردار ادا ڪري ٿو. پنهنجي دوست سان نپائي ٿو جنهن جو پٽ جاءِ وڪڻڻ ٿو چاهي، ڪرائي تي ايندڙ هڪ ڪٽنب جو بہ سهارو بڻجي ٿو تہ ان سان گڏ ٻاڙي جي هڪ ٽرانسجينڊر ايڊرين جو بہ سرپرست بڻجي وڃي ٿو هن کي جڏهن دل جو دورو ٿئي ٿو تہ خبر پئي ٿي ان جو ڪارڻ سنڊس دل جي سائز وڏي هجڻ آهي ۽ وري عملي طور بہ هن جو اهو ڪردار بہ سامهون اچي ٿو تہ مرڻ بعد سنڊس هڪ خط ۾ ڪيل وصيت وسيلي هن جي ڪشادا دلي سامهون ايندي آهي، جو هو پنهنجي ملڪيت ۽ پيسا پاڻ سان سلهاڙيل انهن ڪردارن جي نانءُ ڪري ويندو آهي. ناول ۾ ننڍا ننڍا واقعا توڙي جملا انتهائي سيبتي ۽ سهڻي انداز سان اٿيل آهن. هن جي ڪروڌي واقعن کي بہ جيئن فلمن ۾ فلمايو ويو آهي. پڙهڻ ۾ تہ اهي وڌيڪ مزيدار ٿا لڳن. ناول ۾ اووي جي مرڻ جون تياريون وڌيڪ بهتر انداز ۾ بيانيل آهن. زال جي پرسان پنهنجي لاءِ قبر خريد ڪري ٿو سڀ ادائگيون ڏئي ٿو گهر جي صفائي بہ ڪري ڇڏي ٿو ڪافي پيئڻ بعد ڪوپ کي ڌوئي چمڪائي رکي ٿو ۽ پوءِ ..

And all he wants is to die in peace, he thinks, as he sits in the Saab and looks out of the open garage door. If he can just avoid his neighbors he may even be able to get away by this afternoon.

هو مرڻ لاءِ جيڪي بہ ڪوششون ڪري ٿو اتفاق سان ڪو اچي وڃي ٿو يا سنڊس رٿا ۾ ڪا ڪوٽ رهجي ويندي آهي، ان ڪري اووي غير طبعي موت کان بچي وڃي ٿو پر طبعي موت هن جي شخصيت جو نشون پاسو ظاهر ٿيڻ جي ترت پوءِ اچي وڃي ٿي. اهو تجربو عجب هوندو آهي تہ جڏهن توهان اڳ ۾ ناول جهڙي مووي ڏسو ۽ پوءِ اهو ناول پڙهڻ لاءِ ملي تہ پتو فائدو ٿيندو آهي تہ ڄڻ مووي جهڙو ناول پڙهجي رهيو آهي. بس فرق اهو آهي تہ جيڪڏهن اهو ناول مووي ڏسڻ کان اڳ پڙهجي ها تہ ڪردارن بابت تاثر الڳ جڙي ها ۽ بہ الڳ مووينر ڏسڻ بعد تہ ڪردارن جو شبيهہ ۽ مزاج وارو تاثر وچڙندڙ بڻجي ويو آهي. حيرانگيءَ سان ان ڪري خيال اچي پيو تہ جيڪر اڳ ۾ ناول پڙهجي ها تہ ڇڱو..!

Love is a strange thing. It takes you by surprise.
پيار بہ عجب شئي آهي، اهو توهان کي اچرج ۾ وجهي ڇڏي ٿو (ناول مان)

بقايا 01

ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن تي خواجا طارق رحيم جواب ڏيندي چيو تہ جي ٻڌايو اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار چيو تہ هڪ ججمينٽ ضرور ڏسي وٺجو اها ست رڪني بئنچ جي ججمينٽ آهي، ان تي خواجا طارق ڪائنس سوال ڪندي چيو تہ ڪيترن ميمبرن جي ججمينٽ آهي؟ جنهن تي اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار چيو تہ جي اهو پاٽيمرادو نوٽيس آهي، پاٽيمرادو نوٽيس نمبر 4، 2010ع جو آهي سائين اها ست رڪني بئنچ جي ججمينٽ 2012ع ۾ سپريم ڪورٽ جي بيچ نمبر 553 تي رپورٽيڊ آهي، جنهن تي خواجا طارق چيو تہ ٺيڪ آهي، مان ڏسي وٺندس، ان تي ثاقب نثار چيو تہ جيڪو بہ اوهان جو وڪيل آهي ڪيس ڇشو تہ ان کي ٿورو ڏسي وٺي، ان ۾ اهو لکيل آهي تہ جيڪڏهن، خير ان ڳالهہ کي ڇڏيو، جڏهن پڙهندئو تہ اوهان کي سڄي خبر پئجي ويندي، پنجاب جي اڳوڻي گورنر خواجا طارق رحيم چيو تہ هو پڙهي وٺندو، ست رڪني بئنچ واري ججمينٽ بہ ڏسي ورتي آهي، ان ۾ جاٽايو ويو آهي تہ جيسٽائين ايڪٽ نٿو ٺهي، اها جيڪڏهن اوهان غور سان پڙهندئو تہ ڪلاز ٽري ۾ آهي جنهن تي ثاقب نثار جواب ڏنو تہ جي جي، ان تي خواجا طارق چيو تہ ان ۾ هن رسٽرو پڻ ڏنو آهي، اهو ڏسي وٺجان، جسٽس ثاقب نثار چيو تہ جي جي، جي سرهن ڏنو آهي اها سندن پاس وي آئوٽ آهي، جنهن تي خواجا طارق چيو تہ اها وي آئوٽ آهي، ثاقب نثار چيو تہ وي آئوٽ آهي، ٻي صورت ۾ ڪيس ئي نٿو ٺهي، ان تي خواجا طارق چيو تہ هائو بلڪل صحيح آهي، مان اهو پڻ ڏسي وٺندس، اڳوڻي چيف جسٽس چيو تہ گذريل ڏينهن آزاد ڪشمير ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيو کان پوءِ تہ ڪير ان تي خواجا طارق چيو تہ اسان رڳو تہ رڪني بئنچ جي حڪم جو انتظار ڪري رهيا آهيون، ان ۾ وڌيڪ ٽه ڪلاڪ لڳي سگهي ٿو ان ڪانپوءِ توهين عدالت ڪيس قائل ڪنداسين خواجا طارق جي جواب ۾ ثاقب نثار چيو تہ ٺيڪ آهي، مهرباني سر مهرباني، ياد رهي تہ ان کان اڳ بہ اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي آڊيو سامهون آئي هئي، مبينا آڊيو ۾ ثاقب نثار پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي وڪيل خواجا طارق رحيم سان ڳالهيون ڪري رهيو هو.

بقايا 02

ماهرن سان مشاورت ڪئي آهي وزيراعظم شهباز شريف سان مسلم ليگ(ن) جي اعليٰ قيادت ۽ قانوني ماهرن اهم ملاقاتون ڪيون جن ۾ وفاقي وزير خواجہ سعد رفيق، سردار اياز صادق، قانون وارو وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ شامل هئا. جڏهن تہ وزيراعظم جي خاص صلاحڪار ملڪ احمد ۽ احد چيمہ بہ ملاقات ڪندڙن ۾ شامل هئا. پارٽي ذريعن موجب اٽارني جنرل منصور عثمان اعوان جي بہ وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ٿي آهي. شهباز شريف ملاقات دوران ملڪ جي موجوده سياسي ۽ آئيني صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون.

بقايا 03

تہ پاڪستان جي عوام ئي اصل طاقت آهي ۽ پاڪ فوج هڪ قومي فوج آهي، پاڪ فوج سمورن مذهب، ملڪن، علائقن ۽ نسلن جي نمائندگي ڪندي آهي، ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو تہ پاڪ فوج ۽ حڪومت وچ ۾ آئيني تعلق آهي، ڪنهن بہ ملڪ ۾ فوج طرفان ڪنهن هڪ سياسي يا مذهبي گروپ خلاف ڪارروائي جو نتيجو انتشار ٿي نڪرندو آهي، ڪشمير بابت سوال تي ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو تہ ڪشمير جي عالمي مڃيل حقيقت آهي جنهن کي ڪير بہ تبديل نٿو ڪري سگهي، ڪشمير ڪڏهن بہ ڀارت جو حصو نہ رهيو آهي نہ ئي وري رهندو.

آپريشنل تيارين تي ڪنهن کي شڪ آهي تہ فيبروري 2019 سامهون آهي ۽ فيبروري 2019 ۾ پلوامہ حملو باقاعده منصوبہ بندي تحت ڪيو ويو پاڪستان ۽ پارٽي جي دفاعي بجيٽ ۾ فرق ڪنهن کان لڪيل نہ آهي. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو تہ پشاور پوليس لائنز مسجد تي آپگهاتي حملو پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي جي حڪمن تي جماعت الاحرار ڪيو پشاور مسجد تي حملو ڪندڙن جو تعلق قندوز افغانستان آن هو. پشاور حملي جي لاءِ دهشتگرد عبدالبصير حملي آور کي افغانستان ۾ تربيت ڏني. نمازين جو انگ گهٽ هجڻ سبب پشاور حملي کي 2 ڀيرا ملتوي ڪيو ويو سوالن ۽ جوابن کان اڳ ميڊيا کي بريفنگ ۾ ڊي جي آءِ ايس پي آر ٻڌايو تہ پاڪ فوج پرعزم آهي تہ عوام جي تعاون سان اسان هر چيلينج تي ڪنٽرول ڪري وٺنداسين. پريس ڪانفرنس جو مقصد پاڪ فوج جي پيشوارانہ سرگرمين ۽ تازي دهشتگردي خلاف ڪنيل قدمن بابت آهي، پريس ڪانفرنس ۾ هلندڙ سال دوران سيڪيورٽي ۽ دهشتگردي جي اهم معاملن تي روشني وڌي وئي.

بقايا 04

ماڻهو آئين ۽ قانون سان کيڏي رهيا آهن. هن واضح ڪندي چيو تہ خواجہ طارق رحيم منهنجو دوست ۽ سينئر قانوندان آهي. ثاقب نثار چيو تہ هن مون کان راءِ گهري جيڪا مون ڪيس ڏني، مون کي خبر ناهي تہ هو ڪنهن جي لاءِ راءِ گهري رهيو هو. مان آزاد شهري آهيان. هن وقت نہ مان چيف جسٽس آهيان ۽ نہ ئي وري ڪنهن بينچ جو حصو آهيان. مان پنهنجي پٽ جي آفيس ۾ بہ ماڻهن کي مفت قانوني مشورا ڏيندو آهيان. اڳوڻي چيف جسٽس چيو تہ هي ڪنهن جي نجي ڪال ٽيپ ڪري نوجوان نسل کي ڪهڙو پيغام ڏئي رهيا آهن؟ ٻين جون ڳالهيون رڪارڊ ڪري پنهنجن ڪارن ڪرتوتن تي پردو نٿو وجهي سگهجي.

بقايا 05

۽ مرتضيٰ وهاب سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل ميمڻ چيو تہ ثاقب نثار عمران خان جي ٽائيگر فورس جو حصو هو. عمران خان انٽرويو ۾ خطرناڪ انڪشاف ڪيا، ايوان صدر سازشن جو ڳڙهہ بڻجي چڪو هو ايوان صدر ۾ اڳوڻي جنرل جي اڳوڻي وزيراعظم سان ملاقات ٿي، چيو ويو تہ اڳوڻي جنرل جي چوڻ تي 2 حڪومتون ڪيرايون ويون. عمران خان پاڻ انٽرويو ۾ اهو خطرناڪ انڪشاف ڪيو تہ هن آگسٽ ڌاري ايوان صدر ۾ جنرل باجوا سان ملاقات ڪئي هئي. ان کان اڳ هو باجوا خلاف مهم هلائي رهيو هو. جنرل باجوا عمران خان سان ايوان صدر ۾ ڇو مليو؟ عمران خان جي انٽرويو تي بہ سوموٽو ٿيڻ گهرجي. شرجيل ميمڻ چيو تہ عمران خان جي لاءِ رستا صاف ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. اڄ اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي مبينہ آڊيوليڪ ٿي آهي ان جي سمورن سوموٽو نوٽيس تي سواليہ نشان لڳي ويو آهي عدالتن ۾ مخالفن جون پڳڙيون اڇلايون ويون. ڇا اڳوڻي چيف جسٽس جي فيصلن کي واپس نہ وٺڻ گهرجي. اڳوڻي چيف جسٽس پنهنجي حلف جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي، شرجيل ميمڻ چيو تہ هي سياسي پارٽين کي ڳالهين جو حڪم ڏيڻ وارا ڪير ٿيندا آهن. اهي سمورا حڪم غير آئيني ۽ غيرقانوني آهن. ملڪ ۾ جوڊيشل لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ڏڏي وزيرجي قانون بابت صلاحڪار مرتضيٰ وهاب چيو تہ عمران خان سان لکي ملاقاتون ڪندڙ احتياط ڪن ملڪ ۾ ضمير نہ پر آئين ۽ قانون موجب فيصلا ٿيڻ گهرجن. مرتضيٰ وهاب چيو تہ آئين ۾ ترميم جو اختيار

صرف پارليامينٽ وٽ آهي، ڇا عدالتن کي آئين ۾ ترميم جي اجازت آهي؟ ڇا ملڪ جي تقدير جا فيصلا عدالتون ڪنديون، هن چيو تہ طاقت جو سرچشمو عوام آهي عوام پنهنجا نمائندا چونڊ ڪندي آهي، مرتضيٰ وهاب چيو تہ جڏهن پارليامينٽ جو احتساب ٿي سگهي ٿو تہ عدليہ جو ڇو نہ قانون بنجڻ کان اڳ ان جي عملداري کان روڪيو ويندو آهي بل جو نوٽيفڪيشن ناهي ٿيندو ان کي معطل ڪيو ويندو آهي. پ پ اڳواڻ چيو تہ هي ڪنهن کي نااهل تہ وري ڪنهن کي صادق امين قرار ڏيندا آهن. سپريم ڪورٽ صرف چيف جسٽس جي نہ سمورن ججز صاحبان جي آهي.

بقايا 06

وڙهندو. آمريڪي صدر بائيڊن 2024ع ۾ ٻيهر چونڊن لاءِ باضابطا طور تي پنهنجي مهم جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. واضح رهي تہ جو بائيڊن جي عمر 80 سال آهي.

بقايا 07

عام واهپي جي شين جي قيمتون وڌڻ ۽ ان جي عوام تي پوندڙ اثرن خاص طور تي پگهاردار طبقو پوءِ چاهي اهو سويلين هجي يا ملٽري انهن جي خرچن تي پوندڙ بار کي آڏو رکندي وزيراعظم وفاقي بجيٽ ۾ سول ۽ فوجي ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ مهانگائي جي حوالي سان جيڪڏهن ممڪن ٿيو تہ مهانگائي جي شرح گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو واڌ ڪرڻ تي مشاورت ڪنداسين رپورٽ موجب موجوده اسيمبلين جو مدو آگسٽ 2023 ۾ ختم ٿيڻ وارو آهي ان لاءِ حڪومت نئين وفاقي بجيٽ ۾ عوام کي خاص طور تي عسڪري ۽ سول ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 15 کان 30 سيڪڙو واڌ جي تجويز ماليائي بل ۾ قومي اسيمبلي مان منظور ڪرائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي.

بقايا 08

ثاقب صاحب جي آڊيو ٻڌي گهڻو ڪجهہ ٿيو اوهان نوازشريف دسمني ۾ گهڻو پري هليا ويا اڳاري پنهنجي ٽوئٽ ۾ خواجہ محمد آصف چيو تہ اوهان ڏوهن پندرنهن سال اڳ پنهنجي نوازشريف ۽ شهبازشريف سان ۾ شڪايتون مون سان بيان ڪيون جيڪي بلڪل بي بنياد آهن مان ميڊيا تي حقيقت بيان ڪرڻ کان بدلو ورتو ۽ ان کي سزا ڏڻ ۾ ڏنائي اوهان اڃا ڪيترو ۽ هن زهر کي ٻاليندا رهندا.

بقايا 09

جهڙي واري هنڌ پهچي مارجي ويلن جا لاش ۽ زخمي کي سانگهڙ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي مارجي ويلن جي سڃاڻپ زمان مگسي ۽ سياڳو خان مگسي طور ٿي آهي هوڏانهن واقعي بعد ٻنهي ڌرين ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري آهي پوليس وڏي انگ ۾ نفري طلب ڪري ورتي. منگلي پوليس پوليس موجب جهيڙو چاچن ۽ پائٽين جي ٻنهي ڌرين ۾ زمين جي تڪرار تان پيش آيو آهي جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا ٻہ ڄڻا قتل ۽ ٻہ ڄڻا زخمي ٿي پيا آهي جهيڙي ۾ مارجي ويلن جا لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويندا هوڏانهن هن وقت ۽ ڌرين ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري آهي جنهن سبب علائقي ۾ خوف هراس ڇانيل آهي.

بقايا 10

گهرجي، وفاقي وزير چيو تہ ڪوششون ڪيون پيون وڃن تہ ادارا ۽ پارليامينٽ آمهون سامهون ٿي رڃن ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ اهڙو ڪم ڪيو وڃي جنهن سان توهين عدالت ٿي وڃي. جڏهن بہ سياسي معاملا عدالتن ۾ آيا آهن تہ سان ملڪ ۽ قوم کي نقصان ٿيو آهي.

بقايا 11

آهي، طاقت جو سرچشمو عوام آهي عوام عدليہ جي پٺيان بيٺل آهي، لاهور ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي عمران خان چيو تہ سپريم ڪورٽ قومي اسيدن جو محور آهي ملڪ ۾ جاري بحران جو هڪڙوئي حل جمهوريت سان رابطو آهي، عمران خان چيو تہ عوام پنهنجن اختيارن کي صاف شفاف طريقي سان چونڊيل نمائندن ذريعي استعمال ڪري، حڪومت طرفان چونڊون ڪرائڻ کان انڪار دستور تي حملي جي برابر آهي، شڪست جو خوف ۽ مفادن لاءِ آئين جي انڪار سان تباهي ايندي نتيجا سامهون ايندا. هن چيو تہ منهنجا ۽ منهنجي پارٽي جا ووٽ ۽ حق غصب ڪندڙن جي هٿان آئين جو قتل روڪڻ لاءِ ميدان ۾ لٿل آهيان، اسيمبليون ڪي ٽوڙڻ 100 سيڪڙو آئيني ۽ جمهوري رستو آهي، عمران خان چيو تہ تحريڪ انصاف جي قيام جو مقصد انصاف جو قيام جي حڪمراني آهي. قانون ۽ دستور جي حڪمراني آهي. 1996ع کان اڄ تائين پي ٽي آءِ پرامن، جمهوري ۽ آئيني جدوجهد ڪئي آهي. چونڊون منهنجي يا تحريڪ انصاف جي نہ پر ملڪ ۽ قوم جي ضرورت آهي. اڳوڻي

وزيراعظم چيو تہ چونڊن لاءِ مڪمل تيار آهيان. التوا جي غير آئيني ڪوشش جي مزاحمت ڪنداسين.

بقايا 12

بطرفن لاڳاپن، ٻوڏ متاثرن جي بحالي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سنڌ جي وڏي وزير متاثرن کي گهرن جي تعمير لاءِ رقم ڏيڻ شروع ڪري ڇڏي آهي، ترجمان موجب سنڌ جي وڏي وزير ٻوڏ متاثرن جي بحالي ۾ سهڪار تي متحده عرب امارات جا ٿورا مڃيا.

بقايا 13

آهن ڪچي ۾ پوليس جو گرينڊ آپريشن 17 ڏينهن بہ جاري آهي ان دوران ڪامياب حڪمت عملي تحت پوليس ڪچي لنڊ ۾ دلاني ۽ عمراڻي گينگ خلاف وڏي ٽارگيٽيڊ ڪارروائي ڪئي ۽ فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ 8 ڌاڙيلن کي گرفتار ڪيو ويو جوابدارن جي قبضي مان 3 جديد ڪلاشنڪوف، ريپيٽر، ڪيترائي ميگزين ۽ سوين گوليون هٿ ڪيون ويون. علائقي ۾ پوليس جي اڳڀرائي اڃان تائين جاري آهي، پوليس موجب دلاني ۽ عماڻي گينگ ڪچي واري علائقي لنڊ ۾ ڳجها ٺڪاڻا ناهي رکيا هئا جتان کان هو سنگين ڏوهن جي پلاننگ ڪري رهيا هئا. پوليس جي ٽارگيٽ ڪارروائي دوران ڪچي واري علائقي لنڊ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ٻيڙين جو بہ استعمال ڪيو ويو ڪچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس پيشوارانہ مهارت ۽ حڪمت عملي تحت ڪاميابي سان اڳڀرائي جاري رکي آهي. پوليس جي گرينڊ آپريشن دوران هيننر تائين 3 ڌاڙيل مارجي ويا ۽ 28 کان وڌيڪ گرفتار ٿي چڪا آهن. جڏهن تہ ڏوهارين جي قبضي مان ٺڪاڻن کي وڏي تعداد ۾ هٿيار، راڪيٽ لانچر، لانگ مشين گن، هينڊ گرينيڊز، شارٽ مشين گنز ۽ هزارين جي انگ ۾ مختلف بورز جون گوليون ۽ بارودي مواد هٿ آيو آهي ڪچي ۾ اغوا ڪندڙ ۽ ڌاڙيلن جي ٺڪاڻن کي تباهہ ڪري رياست ۽ قانون جي حڪمراني قائم ڪندي پوليس ڪيمپس قائم ڪيا ويا آهن.

بقايا 14

اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي، اهڙن علائقن ۾ هلڪي برسات جو سلسلو اڄ تائين وقفي وقفي سان جاري رهڻ جو امڪان آهي. ان دوران مري، گليات ۽ پوٺوهار ۾ بہ برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي موسميات کاتي موجب ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي مختلف علائقن ۾ موسم خشڪ ۽ گرم رهڻ جو امڪان آهي. ان حوالي سان موسمياتي تجزيہ ڪار جواد ميمڻ موجب ايندڙ ڪجهہ ڏينهن دوران ملڪ جي مختلف علائقن ۾ موسم خشڪ ۽ گرم رهندو جنهن سبب پنجاب ۽ سنڌ جا ميداني علائقا گرمي هيٺ رهندا. جڏهن تہ ان دوران گرمي پد 40 کان 44 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو جواد ميمڻ ٻڌايو تہ ڪجهہ ڏينهن گرمي رهڻ کان پوءِ گرمي جو زور ٽٽڻ جو امڪان آهي ڇو تہ سامونڊي علائقي ۾ موسم جهڙالو ٿي سگهي ٿو جڏهن تہ 27 يا 28 اپريل کان برسات جو طاقتور ۽ ڊگهو سسٽم ملڪ تي اثر انداز ٿي سگهي ٿو جيڪو 6 يا 7 مئي تائين ملڪ تي اثر انداز رهندو هن چيو تہ ايران وچهو عرب سمنڊ ۾ سرڪوليشن بڻيل آهي جنهن سبب سنڌ ۽ بلوچستان جي سامونڊي علائقن ۾ سٺي برسات جو امڪان آهي جڏهن تہ سنڌ جي 80 کان 90 سيڪڙو علائقن ۾ برسات جو امڪان آهي، اهڙي سسٽم سبب سنڌ ۾ ڪٿي تيز تہ ڪٿي هلڪي برسات ۽ ڳڙو بہ پئجي سگهي ٿو جواد موجب خيبرپختونخواهہ جي 90 سيڪڙو علائقن ۾ برسات جو امڪان آهي صوبي جي مختلف هنڌن تي طوفان ۽ ڳڙو بہ پئجي سگهي ٿو جڏهن تہ جابلو علائقن ۾ لينڊ سلائيڊنگ جو بہ خطرو آهي.

بقايا 15

لاءِ خامي پري ورتي آهي، آمريڪي اخبار واشنگٽن پوسٽ موجب پينٽاگون جي ليڪ ٿيل هڪ دستاويز ۾ خبردار ڪيو ويو آهي تہ داعش آمريڪا، يورپ ۽ ايشيائي ملڪن ۾ حملن لاءِ هڪ پيرو وري افغانستان جي زمين استعمال ڪري سگهي ٿي ليڪ ٿيل دستاويزن ۾ چيو ويو آهي تہ داعش افغانستان ۾ منظر ٿي آمريڪا ۽ ٻين ملڪن کي ڳجها گهرن، سفارتخانن، ڪاروباري مرڪزن ۽ ورلڊ ڪپ فٽ بال ٽورنامينٽ کي نشانو بڻائي سگهن ٿا، ٻي پاسي دوحا ۾ طالبان جي ترجمان سهيل شاهين آمريڪي خدشن کي رد ڪندي چيو آهي تہ افغانستان ۾ داعش کي ڪمزور ڪيو ويو آهي. ليڪ ٿيل دستاويزن تي واشنگٽن پوسٽ جي رپورٽ زميني حقيقتن جي ابتڙ آهي، طالبان اڳواڻ چيو تہ اهڙي طرح جي رپورٽ ذاتي خواهشن تہ ٿي سگهي ٿي پر اها حقيقت ناهي، حقيقت اها آهي تہ داعش افغانستان ۾ وجود نٿي رکي جيئن ڀهريان هوندي هئي. واشنگٽن پوسٽ ان ليڪ ٿيل

دستاويز ۾ سيڪيورٽي خدشن تي آمريڪي بچاءُ وزارت جي هڪ اهم ۽ سينيئر عهديدار سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، جنهن جو چوڻ هو تہ آمريڪا طالبان حڪومت قائم ٿيڻ کان پوءِ افغانستان ۾ داعش تي نظر رکيون ويٺو آهي، آمريڪا جي هڪ سينيئر دفاعي عهديدار جو چوڻ هو تہ طالبان ۽ آمريڪا جو گڏيل هدف آهي. طالبان داعش کي حڪومت لاءِ خطرو سمجهي ٿو ۽ تازن سيڪيورٽي خدشن کي نظر ۾ رکندي طالبان حڪومت داعش خلاف ڪريڪ ڊائون آپريشن ۾ آمريڪا جي مدد ڪرڻ جو اشارو ڏنو آهي. آمريڪي بچاءُ وزارت جي اختيارين موجب افغانستان ۾ آگسٽ 2021ع تي قائم ٿيل طالبان حڪومت داعش خلاف لاڳيتو ڪارروائيون ڪري رهي آهي جنهن ان کي داعش طرفان حملن کي بہ منهن ڏيئو پئجي رهيو آهي. هڪ سينيئر آمريڪي بچاءُ وزارت جي عهديدار جو وڌيڪ چوڻ هو تہ منهنجو هرگز اهو مطلب ناهي تہ آمريڪا دهشتگردي خلاف پنهنجي جنگ طالبان حوالي ڪري ڇڏي آهي پر ان ڳالهہ کي تسليم ڪرڻ ۾ ڪنهن کي بہ انڪار نہ ڪرڻ گهرجي تہ طالبان حڪومت داعش تي دٻاءَ رکيون ويٺي آهي، واشنگٽن پوسٽ موجب وائيٽ هائوس، پينٽاگون جي ليڪ ٿيل ان دستاويز جي تصديق بابت نہ رڳو انڪار ڪري ڇڏيو آهي پر موجوده ۽ اڳوڻن آمريڪي عهديدارن واشنگٽن پوسٽ کي نالو ظاهر نہ ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو تہ ليڪ ٿيل دستاويزن ۾ خبردار ڪيو ويو آهي تہ افغانستان ۾ دهشتگرد سيل ٻيهر زنده ٿي سگهن ٿا، ٻي پاسي آمريڪي قومي سلامتي ڪائونسل جي ترجمان ايڊرين واٽسن واشنگٽن پوسٽ سان ڳالهائيندي چيو تہ آمريڪا پنهنجي فوجين کي مستقل طور مقرر ڪرڻ کان سواءِ بہ دهشتگردن خلاف منطقي ڪارروائي جي صلاحيت رکي ٿو.

بقايا 16

تہ خرطوم مان 211 پاڪستانين کي ڪٺي بيو قافلو اڄ پورٽ سوڊان پهچي ويو آهي. جنهن کانپوءِ سوڊان مان حفاظت نڪتل پاڪستانين جو انگ 700 ٿي ويو آهي، هن چيو تہ خرطوم ۽ پورٽ سوڊان ۾ سفيرن جي ٽيم پاڪستانين جي واپسي ۾ سهولت لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، دوست ملڪ خاص ڪري سعودي عرب پاڪستانين جي واپسي جي عمل ۾ سهولت لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن، پرڏيهي وزير پرڏيهي سيڪريٽري اسد مجيد جي سربراهي ۾ پرڏيهي آفيس جي سموري ٽيم جو شڪريو ادا ڪيو.

بقايا 17

پيرا ملٽري فورسز وچ ۾ جاري خانہ جنگي ۾ اڄ کان 3 ڏينهن تائين جنگ بندي جو اعلان ڪيو ويو سوڊان مان مختلف ملڪن طرفان شهرين کي هنگامي طور تي ڪڍڻ جو سلسلو جاري آهي، سعودي عرب، آمريڪا، فرانس، برطانيا ۽ جرمني سوڊو ڪيترن ئي يورپي ۽ آفريڪي ملڪن پنهنجي سفارتي عملي ۽ شهرين کي سوڊان مان ڪڍيو. پرڏيهي خابرو اداري جي رپورٽ موجب سعودي عرب چنچر ڏينهن پنهنجا 91 ۽ ٻين ملڪن جا 66 شهري سوڊان مان ڪڍيا جڏهن تہ آمريڪا آچر جي شام جو خرطوم مان 100 جي ويجهو سفارتي عملي کي ڪڍيو بي پاسي 427 پاڪستانين کي بہ سوڊاني بيٽ تي پهچايو ويو پر هڪ خاندان راڄڌاني خرطوم ۾ ڦاسي پيو. پاڪستان ۾ موجود سندن گهرڻ پاتين مدد جي اپيل ڪئي آهي. پاڪستاني پرڏيهي ترجمان جو چوڻ هو تہ پاڪستانين جي سفر جا انتظام ڪيا پيا وڃن. وزيراعظم آفيس جي ترجمان ٻڌايو تہ وزيراعظم شهباز شريف پاڻ سوڊان مان نيڪالي جي آپريشن جي نگراني ڪري رهيو آهي، شهباز شريف طرفان نيڪالي جي گڏيل حڪمت عملي تيار ڪرڻ تي ايئر چيف ظهير بابر سڌو ۽ ڊي جي آءِ ايس آءِ ليفٽيننٽ جنرل نديم انجم کي بہ پيتا پيش ڪئي وئي، واضح رهي تہ سوڊان ۾ فوج ۽ پيرا ملٽري فورس وچ ۾ جهڙپن ۾ هيل تائين 400 کان وڌيڪ ماڻهو مارجي چڪا آهن ۽ ڪيترائي زخمي آهن.

بقايا 18

موجب ڌماڪي ۾ 17 ڄڻا شهيد ۽ 51 زخمي ٿيا. زخمين کي ڪبل ۽ سيدو شريف اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن تہ سخت سڙي زخمي ٿيندڙن کي پشاور برن سينٽر منتقل ڪيو ويو پوليس موجب شهيد پوليس آفيسرن ۾ سب انسپيڪٽر عبدالله، اشرف علي ۽ اي ايس آءِ شير عالم شامل آهن جڏهن تہ سپاهي تاج محمد شيرولي، خليل رحمان، بخت روخان، عصمت علي ۽ فضل رزاق بہ شهيدن ۾ شامل آهن بئي طرف پوليس جو چوڻ آهي تہ سي ٽي ڊي ٿاڻي ۾ بجي ويل ڌماڪيدار مواد کي ناڪاره بڻايو ويو آهي. هوڏانهن آءِ جي پي ڪي پي اختر حيات چيو آهي تہ پوليس اسٽيشن ۾ ٻاهر کان ڪنهن حملي جون شاهديون ناهن مليون. ڌماڪو تهہ خاني ۾ پيل بارودي مواد سبب ٿيو ان جي

ڪري ٿي شارٽ سرڪٽ بڻيو، وڌيڪ جاچ جاري آهي هوڏانهن سوات ڌماڪي ۾ شهيد ٿيندڙ 9 اهلڪارن جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ڪور ڪمانڊر پشاور، آءِ جي پوليس، آءِ جي ايف سي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اختيارين موجب ڌماڪي ۾ فوت ٿي ويلن ۾ پنج قيدي بہ شامل آهن.

بقايا 19

شيخ رشيد چيو تہ حڪومت عدليا کي ڌمڪيون ڏيڻ بدران آئين ۽ قانون جو احترام ڪري، سندس چوڻ هو تہ هي آئين ۽ قانون جي پڪڙ ۾ ڀهريان ئي پاڻ اچي چڪا آهن. اليڪشن ۾ وڃڻ سياسي آپگهات ڪرڻ کان بهتر آهي. مولانا فضل الرحمان ائين وٺي وڃي مارينڊو جتي ڪير بہ نہ بچائيندو عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ شيخ رشيد چيو تہ آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم ڏسڻ چاهي ٿو پر اپريل مهيني ۾ غربت سبب ٿي سامونڊي پٽيءَ ۾ 41 ماڻهن آپگهات ڪيو سموري شريف فيملي گهر جي چوديواري اندر عيدالفطر جي نماز ادا ڪئي.

بقايا 20

خط جي متن مطابق وزيراعظم جي ايوان ۾ اڪثريت ناهي رهي صدر وزيراعظم کي ايوان مان اعتماد جو ووٽ وٺڻ جي ايڊوائيز ڪري.

بقايا 21

سياست ۽ ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، آصف زرداري ان موقعي تي چيو تہ سنڌ مان غربت، بيروزگاري ۽ معاشي بدحالي جو خاتمو ڪيو وڃي، هن چيو تہ پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي اڳواڻي ۾ ملڪ کي فلاحي رياست بڻائينداسين، سندس چوڻ هو تہ ڪوشش ڪريو تہ سنڌ جي هر گهر ۾ سولر سسٽم لڳرايو وڃي. سولر سسٽم لڳڻ سان عوام کي مهانگائي بجلي جي بلن مان ڇوٽڪارو ملي سگهندو.

بقايا 22

آءِ چيئرمين، اڳوڻي سفير حسين حقاني خلاف ڪوڙا ۽ ڇڙواريندڙ بيان ڏيڻ فوري طور بند ڪري. جيڪڏهن ائين نہ ڪيو تہ سندس خلاف بنا ڪنهن نوٽيس جي قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. وڪيل طرفان بني گالا موڪليل نوٽيس ۾ اهو بہ چيو ويو آهي تہ عمران خان جي بي بنياد الزامن بعد سندس چاهيندڙن حسين حقاني کي سوشل ميڊيا تي هراسان ڪيو، پي ٽي آءِ چيئرمين جا بيان انتهائي خطرناڪ آهن جو سندس ڪارڪنن طرفان مخالف راءِ رکڻ وارن سياسي اڳواڻن تي تشدد ۽ هراسان ڪرڻ جو رڪارڊ موجود آهي. نوٽيس ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ جمهوريت ۾ عسڪري مداخلت تي حسين حقاني جي تنقيد کي سڌائين قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويو آهي. آمريڪا ۾ ڊپارٽمينٽ آف جسٽس ۾ رجسٽريشن کان سواءِ لابنگ نٿي ڪري سگهجي. حسين حقاني آمريڪي قانون جي ڀڃڪڙي ناهي ڪئي. پاڪستان يا عمران خان خلاف ڀڙڪائڻ لاءِ حسين حقاني ڪائي مهر ناهي هلائي نوٽيس ۾ چيو ويو آهي تہ حسين حقاني تي آمريڪا کي عمران خان خلاف ڪرڻ جو الزام ڪوڙو آهي. عمران خان جا حسين حقاني تي مڙهيل الزام ڪيئي ڀيرا ٽي وي توڙي سوشل ميڊيا تي نشر ٿيا، نوٽيس موجب عمران خان جي الزامن سبب حسين حقاني جي ذاتي زندگي متاثر ٿي جڏهن تہ وڏيون سخت ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيو آهي. نوٽيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين کي خبردار ڪندي چيو ويو آهي تہ سندس پارٽي جا ڪارڪن حسين حقاني کي سوشل ميڊيا تي هراسان ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪيس ڪو نقصان پهتو تہ عمران خان خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 23

خدشا ختم تہ ڪري سگهجي آهي جنهن ڪانپوءِ ايئر ڪيوايئر طرفان ايئر ايئر بي ايز ۽ سينيٽرن کان استعيفائون ورتيون ويون آهن ذريعن جو چوڻ آهي تہ ايئر ڪيو ايئر کي ڪراچي ۽ حيدرآباد جي آدم شماري جي طريقيڪار تي اختلاف آهي.

بقايا 24

قوم بلخصوص واٽر بورڊ جي سمورن آفيسرن ۽ ملازمن کي دلي عيد مبارڪباد پيش ڪندي چيو تہ الله تبارڪ تعاليٰ جا لکين شڪر آهن جنهن اسان کي رمضان المبارڪ جي فيض ۽ برڪتن مان مستفيض ٿيڻ لاءِ هڪ ڀيو موقعو فراهم ڪيو الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ اسان جا سمورا روزا ۽ عبادتون پنهنجي بارگاهہ اقدس ۾ قبول فرمائي، هنن چيو تہ رمضان المبارڪ ۾ الله تعاليٰ اسان کي صبر، شڪر ۽ پنهنجي نفس ۽ ضرورتن تي ضابطو رکڻ جي انتهائي عملي تربيت مان گذاريو آهي ان جو بنيادي مقصد اسان کي ٻين جي ڏک، بک ۽ پريشاني جو احساس ڪرڻ آهي جو احساس ڪرڻ ٻين جو درد

ٿي انساني سماج جي اصل طاقت ۽ سچائي هوندي آهي. جڏهن تہ اهيا ئي اسان جي دين اسلام جي اصل خاصيت آهي. تنهن ڪري اسان کي ڪپي ڏنہ صرف رمضان المبارڪ بلڪہ سڄو سال هن جذبي کي پاڻ سان سان گڏ کڻي هلجي ۽ سماج کي انسان دوست بڻائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي اسان کي گهرجي تہ عيد جون خوشيون ملهائڻ وقت پنهنجي آس پاس رهندڙ لاوارث غريب مسڪين ماڻهن ۽ بي سهارا خاندانن جو بہ ڀرپور خيال رکجي ان کان علاوه عيدالفطر جي پرمسرت موقعي تي انهن عظيم شهيدن ۽ اهم شخصيتن سميت پنهنجن ابن ڏاڏن کي بہ پنهنجي خصوصي دعائن ۾ ياد رکڻ گهرجي جن وڏي مقصد لاءِ لازوال قربانيون ڏئي پنهنجي قوم جو ڪنڌ فخر سان بلند ڪندي پياري ملڪ پاڪستان جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. رب ذوالجلال والاڪرم جي بارگاهہ اقدس ۾ دعا ۽ التجا آهي تہ پوري قوم کي عيد الفطر جون خوشيون نصيب ڪندي اسان جي ملڪ کي سمورين قدرتي آفتن کان پناهہ ۾ رکي، الله تعاليٰ پنهنجي رحمتن سان پياري ملڪ پاڪستان کي امن، ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام جو گهر بڻائي. آمين يارب العالمين

بقايا 25

، ڳڻپ کاتي موجب ڪجهہ ضلعن ۾ گروٿ ريٽ ۽ ڊيٽا جي تصديق جو سلسلو جاري آهي جنهن سبب آدم شماري جي آخري تاريخ ۾ واڌ ڪئي وئي آهي. ڪجهہ وڏن شهرن ۾ آبادي ۾ لاٽ ۽ گهٽ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. ڪراچي جي سمورن ضلعن ۾ آباد ۾ لاٽ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. شماريات کاتي ٻڌايو تہ لاهور، راولپنڊي، اسلام آباد، حيدرآباد، ڪوئيٽا ۾ بہ آبادي ۾ لاٽ يا گهٽ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. گوجرانوالا، سيالڪوٽ، جهلم، گجرات، اٽڪ ۽ پشاور ۾ ڊيٽا جي تصديق وارو عمل جاري آهي. شماريات کاتي طرفان پشاور، ڊي آءِ خان، ايبٽ آباد ۽ ٽانڪ ۾ ڊيٽا جي تصديق سبب تاريخ ۾ واڌ ڪئي وئي آهي. واضح رهي تہ آدم شماري ۾ ڀهريان ڏهہ اپريل ٻيو ڀيرو 15 اپريل ٽيون دفعو 20 اپريل تائين واڌ ڪئي وئي هئي.

بقايا 26

، ڪراچي ۾ رينجرز ۽ پوليس گڏجي اطلاع تي گڏيل ڪارروائي ڪندي سعيد آباد ٽائون، نوري قبرستان ۽ گلشن اقبال مان ڦر، چوري ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي مختلف واقعن ۾ ملوث 5 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو رينجرز ترجمان موجب گرفتار جوابدارن ۾ شهريار عرف شيرا، ذيشان عرف ناري، جاويد عرف گرڪين، شهريار عرف شرنا ۽ فرحان شامل آهن. جڏهن تہ جوابدارن جي قبضي مان غير قانوني هٿيار، چوري ٿيل موبائل فون ۽ نقدي ٻڻ هٿ ڪئي وئي آهي، رينجرز ترجمان جو چوڻ آهي تہ گرفتار جوابدارن سعيد آباد، شير شاهہ، بني راس، گلشن اقبال ۽ سهراب گوٺ ۾ ڦر، چوري ۽ موبائل فون ڦرڻ جي وارداتن جو اعتراف ڪيو آهي.

بقايا 27

وڃي اڄ سنڌ ۾ هڪ ڏينهن چوندون ڪرائڻ لاءِ مظاهرن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي، ناماياري صحافي شاڪر سولنگي پنهنجي تجزيا تي وي لاڳ ۾ چيو آهي تہ مولانا فضل الرحمان سان جڏهن بلاول ڀٽو تعزيت لاءِ ويو هو تہ ان دوران بہ مولانا کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر بلاول ڀٽو کي مولانا فضل الرحمان اهو جواب ڏنو هو تہ عمران خان سان هو ڪنهن بہ صورت ۾ ڳالهيون نہ ڪندو. بلاول ڀٽو جڏهن واپس پهتو تہ آصف علي زرداري کي مولانا جي موقف جي ڄاڻ ڏني ان بعد آصف زرداري بہ مولانا کي فون ڪئي ۽ محسوس اهو ٿي رهيو آهي تہ مولانا فضل الرحمان بہ آصف زرداري کي عمران خان سان ڳالهيون نہ ڪرڻ تي قائل ڪري ورتو آهي، جنهن بعد مولانا فضل الرحمان پريس ڪانفرنس بہ ڪئي ۽ هر خيال جڃن کي مخاطب ٿي ڪريون ڪريون ٻڌايون ڪجهہ ئي دير ڪانپوءِ بلاول ڀٽو زرداري بہ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪري ساڳي نوعيت جون ڳالهيون ڪيون جيڪي اڳ مولانا بہ ڪيون.

بقايا 28

اڳواڻ ۽ اڳوڻي جج محمد شهاب الدين تاريخي دربار هال ۾ وزيراعظم شيخ حسينہ ۽ ڪابينہ جي موجودگي دوران هڪ تقريب ۾ ملڪ جي صدر جي حيثيت سان حلف ڪنيو شاگردي واري دور کان عوامي ليگ سان جڙيل شهاب الدين اڳوڻي صدر عبدالحميد جي جڳهہ سنڀاليندو جنهن جو مدو هلندڙ هفتي ختم ٿي رهيو آهي بنگلاديش ۾ پارلياماني نظام هجڻ سبب ڪيترائي اختيار وزيراعظم شيخ حسينہ وٽ آهن جڏهن تہ صدر جو عهدو نمائشي آهي پر ان باوجود عام چونڊن دوران قانون جي منظوري لاءِ صدر آفيس اهميت حاصل ڪري ويندي آهي، اهوئي سبب آهي تہ شيخ حسينہ واجد وفادار سمجهيو ويندڙ اڳواڻ محمد شهاب الدين کي صدر بڻايو آهي، ڇو تہ بنگلاديش ۾ عام چونڊون ڊسمبر يا ايندڙ سال جنوري ۾ ٿيڻ واريون آهن. گذريل هفتي هڪ انٽرويو ۾ صدر شهاب الدين چيو هو تہ اليڪشن ڪميشن هڪ آزاد آئيني ادارو آهي جنهن جي ذميواري آهي تہ هو ووٽرز کي ووٽ ڏيڻ جي ترغيب ڏئي ۽ چونڊن لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪري. صدر شهاب الدين جي گهر واري ريبڪا سلطانہ وفاقي حڪومت ۾ اڳوڻي جوائنٽ سيڪريٽري پڻ رهي چڪي آهي.

بقايا 29

بيمار رهڻ کان پوءِ سومر ڏينهن ٽورنٽو ۾ لاڏانو ڪري ويو\سندس ڌيءَ نتاشا فتح ٽوئيٽر تي پنهنجي پيءَ جي لاڏاڻي جي تصديق ڪئي آهي. طارق فتح تڪراري شخصيت هو ۽ پاڪستان جي خلاف سخت موقف رکڻ تي ڪيس ڀارت طرفان حمايت حاصل هئي، طارق فتح پارٽ ۾ بي بي پي جي سربراهي ۾ قائم مودي حڪومت جو حامي هو. هو 1949ع ۾ پاڪستان ۾ ڄائو پوءِ سعودي عرب ۽ 1980ع جي ڏهاڪي ۾ ڪينيڊا ۾ آباد ٿيو هو.

بقايا 30

ملهائڻ ويا هئا، جتي هڪ نوجوان درياهہ ڪنڌي وضو ڪري رهيو پر پير ترڪڻ سبب پاڻي ۾ وڃي ڪريو وڏي ڀاءُ کي بچائڻ لاءِ ٻن نوجوانن بہ درياهہ ۾ ٽپو ڏنو، ٻڏڻ وارن ۾ بہ سڳا ڀائر ۽ سندن هڪ سئوٽ شامل آهي. ريسڪيو اختيارين موجب محمد تنوير جي عمر 17 سال، زاهد خان 16 سال ۽ محمدڪاشف جي عمر اٽڪل 13 سال آهي.

بقايا 31

ماڻهو آئين ۽ قانون سان کيڏي رهيا آهن. هن واضح ڪندي چيو تہ خواجہ طارق رحيم منهنجو دوست ۽ سينئر قانوندان آهي. ثاقب نثار چيو تہ هن مون کان راءِ گهري جيڪا مون ڪيس ڏني، مون کي خبر ناهي تہ هو ڪنهن جي لاءِ راءِ گهري رهيو هو. مان آزاد شهري آهيان. هن وقت نہ مان چيف جسٽس آهيان ۽ نہ ئي وري ڪنهن بينچ جو حصو آهيان. مان پنهنجي پٽ جي آفيس ۾ بہ ماڻهن کي مفت قانوني مشورا ڏيندو آهيان. اڳوڻي چيف جسٽس چيو تہ هي ڪنهن جي نجي ڪال ٽيپ ڪري نوجوان نسل کي ڪهڙو پيغام ڏئي رهيا آهن؟ ٻين جون ڳالهيون رڪارڊ ڪري پنهنجن ڪارن ڪرتوتن تي پردو نٿو وجهي سگهجي.

بقايا سنڌيار 01

لاشاري برادري وارن جي ٻانهن ڪٽي روپوش ٿي ويو آهي، ٻانهن ڪٽائڻ ۾ اسان جو ڪوب هٿ ناهي، اسان ويتر پاڻ تي ٻانهن ڪٽڻ تي سخت ناراض ٿياسين. پر پوءِ ب غلام حيدر لاشاري، جعفر لاشاري، قربان لاشاري، عنايت لاشاري، لياقت لاشاري، صيفل لاشاري، معشوق لاشاري، زاهد لاشاري ۽ قاسم لاشاري اسان لاءِ رڻ ٻاري ڏنو آهي، هنن اسان جا گهر ٽريڪٽرن سان ڊاهي سرون لوهہ سونا زيور، موٽر سائيڪل ب مينهون ٻارنهن ٻڪرين سميت الہ تلہ ڪٽي لکين رپين جو زيان ڪري وڏو ناحق ڪري ويا آهن ۽ ڌمڪيون ڏين ٿا توهان کي مارينداسين هنن چيو ت اسان اهڙي ايف آءِ آر ڪنڊيارو ٿاڻي تي غلام حيدر جعفر، لياقت ،صيفل لاشاري ۽ ٻين مٿان داخل ڪرائي هئي ۾ پوليس جوابدارن کان لکين رپيا رشوت وٺي ڪين کي ڪيس ۾ روپوش ڪرايو ڇڏيو آهي. جڏهن ت جوابدار سرعام گهمندا وتن ٿا، هنن وڌيڪ چيوت خدا ڏسي ٿو ت اسان جو مختيار سان ڪوب رابطو ناهي ن ئي اسان جو واسطو آهي. پر پوءِ ب اسان کي طرحين طرحين طريقن سان تنگ ۽ پريشان ڪيو پيو وڃي، هنن ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين اعلي اختيارين کي اپيل ڪئي ت ڪنڊيارو پوليس جي ڪن مهٽ ڪري مٿين جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان کي تحفظ ڏياريو وڃي. ورنا ماريو ويندو.

بقايا سنڌيار 02

آمنا جن کي نازڪ حالت ۾ جناح اسپتال ڪراچي ۾ آماڻيو ويو آهي جيڪي اڃان تايين بي هوشي واري حالت ۾ آهن ان ڏس ۾ ذريعن کان مليل ڄاڻ موجب هڪ ئي خاندان جي خود ڪشي واري واقعي ۾ مبينا طور چيو پيو وڃي ٿو ت فوتي ۽ بي هوش مرد ۽ عورتن کي سندن ويجهن عزيزن 27 رمضان تي دعوت ڏيئي پنهنجي ڳوٺ حيات ڳاهو گهرايو هو جتي کين زهر ڪنهن شي ۾ ڏنو هو جڏهن مقامي پوليس ۽ سندن عزيز هن ڳالہ کي راز ۾ رکيو ويو آهي فوتي ۽ زيري علاج مريضن جي وارثن ۽ گهوڙاٻاري پوليس هن کي خودڪشي جو رنگ ڏيبي لاشن کي پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي ٻئي طرف هن ڏس سڄاڻ ڌرين ۽ علائقي جي سياسي سماجي ماڻهن پاران هڪ وقت هڪ ئي ڳوٺ ۾ هڪ خاندان جو خود ڪشي واري واقعي هڪ وڏو سوال بڻيل آهي تحقيقات جو شفاف جانچ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي (سڄاڻ ڌريون) هوڏانهن گهوڙاٻاري پوليس موجب ت اسان کي اهڙو اطلاع ملڻ تي ڳوٺ قاسم ٿانديو پهچي لاش ڪٽايي پوسٽ مارٽم لاءِ موڪليا جيڪي پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيا آهن

بقايا سنڌيار 03

عرف علي حسن مصراڻي جتوئي ۽ ٻن نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو. فرياد ڪيس ۾ موقف اختيار ڪيو ت عيد جي ڏينهن مان پنهنجي ڀائيٽي الهڏنو جاگيراڻي سان گڏ چڪ شهر کان ڳوٺ طرف اچي رهيا هئاسين ت مٿين جوابدارن ٽن موٽرسائيڪلن تي سوار ٿي اسان کي روڪي اسان مٿان جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا جنهن ۾ گوليون لڳڻ سبب منهنجو ڀائيٽيو ٿڏي تي ئي قتل ٿي ويو جنهن ڪانپوءِ جوابدار خوشي مان فائرنگ ڪندا چڪ جي ڪچي طرف فرار ٿي ويا.

بقايا سنڌيار 04

سالا علي شبا کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اسان جي ڌانهن تي شادي، ۾ موجود ماڻهن پهچي اسان کي بچايو هنن وڌيڪ ٻڌايو ت 4 سال اڳ سلما کي ان جي اڳوڻي مڙس نثار سولنگي طلاق ڏني هئي هاڻي هي پاءِ اڪبر تي ڪوڙا ڪيس ڪري ڌمڪائي رهيا آهن. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو ۽ ايس ايڇ او سيتاروڊ کان مطالبو ڪيو ت جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 05

ڏيتي ليتي جي معاملي تان فائرنگ جنهن جي نتيجي ۾ دڪان تي ويٺل درزي ڏاهد حسين چنو ڌڪ لڳڻ ڪري معمولي زخمي ٿي پيو آهي ان کان هڪ عورت سينا ٻايي زال ڪشور ڪمار مينگهواڙ ڌي تئو مل عمر 22 سال ويٺل ٽنڊو علي آباد جي رهواسڻ کي نا معلوم ماڻهن جي فائرنگ سبب ڪبي جنگہ ۾ ڳوڏي کان هيٺ گولي لڳڻ سبب زخمي زخمي عورت کي سکر اسپتال نيو ويو آهي ڪنڌرا ايس ايڇ او اطهرعلي مهر پوليس ساڻ ڪري ڏاريجا ۽ ڪلهوڙا برادري جي ڳوٺن ۾ چڙهائي ڪئي آهي مگر گرفتار ٿيلن جا نالا منظرعام تي ن اچي سگهيا آهن جڏهن ت پوليس جهيڙي جي روڪ ٿام لاءِ پڪٽون قائم ڪري ورتيون آهن ايس ايڇ او ڪنڌرا رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ت هنن جو پاڻ ۾ ڏيتي ليتي جو پراڻو مسئلو آهي اسان هن وقت ٻنهي ڌرين کي پابند ڪيو آهي ۽ ڪجھ ماڻهو گرفتار ب ڪيا آهن

بقايا سنڌيار 06

وڃي جڏهن ت اسان پاڻ صفائي ڪرڻ تي مجبور آهيون:_ شهرين جون ڌانهون مڪاني نظام کي ختم ٿيندي پنج سال گذري ويا آهن پر صفائي جو عملو مقرر ن ٿي سگهيو آهي يوسي انتظاميان ۽ ايڊمنسٽريٽر دادو ڪروڙين روپيہ ڪرپشن ڪئي آهي جنهن سبب سمورو شهر گندگي جي ور چڙهي ويو آهي شهر ۾ صفائي ن ٿيڻ ڪري هر طرف گندگي جا ڍير پيل آهن ناليون پڻ اپٽيون وهي رهيون آهن نوٽيس وٺي مسئلو حل ڪرائي ڏنو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ت شهر اندر صفائي ن هئڻ مختلف موذي مرضن جي وبا ڦهلجي مردن عورتن توڙي معصوم ٻارڙن جي زندگين کي موت طرف تيزي ساڻ ڌڪڻ لڳي آهي پر لاڳاپيل انتظاميان هن وقت تائين ڪوب تحرڪ ن ورتو آهي ان سلسلي ۾ اسان شهري سراپا احتجاج بڻيل آهيون نوٽيس ورتو وڃي تفصيل موجب:_ شهرين سيد عامر شاھ، علي گل ابڙو، امداد چنو، نياز چانڊيو، محمد يوسف چنو، اجمل برهماڻي، نبي بخش ملاح، ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت گذريل پنجن سالن کان شهر جي پنج لکن کان مٿي بجيٽ اچي ٿي پر خبر ناهي ڪٿي خرچ ڪئي وڃي ٿي جڏهن ت شهر اندر گندگي جا ڍير لڳل آهي پر يوسي انتظاميان طرفان شهر جي صفائي جي لاءِ هڪ ب سئيپر مقرر ن ڪيو آهي، جنهن جي ڪري اسان پاڻ صفائي ڪرڻ تي مجبور آهيون. هنن وڌيڪ چيو ت اسان اهڙي شڪايت يوسي انتظاميان ۽ ايڊمنسٽريٽر دادو کي بار بار ڪئي آهي پر هو اسان جي هڪ ب ڳالھ ٻڌڻ ۽ سڄو شهر گندگي جي ور چڙهي ويو آهي جنهن سبب مختلف بيمارين ڪر کنيو آهي. هن عوامي مسئلي تي تڪ جا چونڊيل نمائندا ب اکيون ٻوٽي ستل آهن هنن وزيراعلي سنڌ، بلديات جي وزير، سيشن جج دادو ۽ ٻين لاڳاپيل ذميوار اختيارن کان مطالبو ڪندي چيو ت گذريل ٽن سالن کان پيارو اسٽيشن جي آيل بجيٽ جو حساب ورتو وڃي شهر اندر صفائي جو عملو مقرر ڪري ڏنو وڃي سالن کان شهر اندر پيل ڪچري جي صفائي ڪرائي ڏني وڃي ت جيئن اسان شهري صحتمند زندگي گذاري سگهون.

بقايا سنڌيار 07

نظرو لغاري جيڪو بدنام زمانہ ڦهاشي جو اڏا هلائيندو آهي. پنجاب جي شهر 32 چوڪ مان سال پهرين 15.0000 لک روپيين ۾ خريد ڪري آئي ۽ سونهري فارم جي رهواسي اسماعيل ماڇي سان ڪوڙو نڪاح ڪرائي نواب شاھ گجرا واہ واري علائقي ۾ هڪ ڦهاشي جي اڏي تي غير انساني سلوڪ ڪري جسم وڪرو ڪرائيندي رهي ڪجھ وقت کان پوءِ مورو شهر جي ٻانڊي روڊ لڳ جمال شاھ وٽ پنهنجي ڦهاشي جي اڏي تي وٺي آئي ۽ جسم فروشي ڪرائيندي رهي، ايتري قدر جو انڪار ڪرڻ جي صورت ۾ تشدد ڪندي رهي ۽ جان سان مارڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي ، جنهن کان پوءِ ظهير سولنگي ولد وزير علي نالي شخص سان فون تي رابطو ٿيو جنهن مونکي هن عذاب مان جان ڇڏائڻ جو واعدو ڪري شريعت محمدي موجب نڪاح ڪري گهر ۾ عزت جي زندگي ڏيڻ جو واعدو ڪيو. مونکي هن جهنم نما زندگي مان جان ڇڏائي هئي ۽ مون ظهير سولنگي سان نوشهروفيروز جي ڪورٽ ۾ نڪاح ڪري ڇڏيو ۽ تحفظ جي درخواست پڻ داخل ڪري ڇڏي آهي پر ان جي باوجود شاهده لغاري ۽ سندس ڀي نظر عرف نظرو لغاري بااثر ماڻهن ۽ سياسي اثر رسوخ استعمال ڪندي منهنجي مڙس ظهير ۽ سندس فيملي کي مسلسل ڌمڪائي رهيا آهن ۽ چئي رهيا آهن ت صائمہ کي اسان جي حوالي ڪيو ٻي صورت ۾ سنگين نتيجا ڀوڳڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. هن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، سنڌ ها، ڪورٽ ڪراچي، سيشن جج نوشهروفيروز، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز، ڊي ايس پي مورو، ايس ايڇ او مورو ۽ اعلي اختيارين کان نوٽيس وٺي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 08

والد حفيظ ڪوسو هڪ سال پهريان ب ڊاڪٽرن منهنجي معصوم پٽ کي غلط انجيڪشن هڻي ماري ڇڏيو هو هي ٻيو واقعو پيش آيو آهي هي اسپتال آهي يا ڪوس گهر حفيظ ڪوسو ڊاڪٽرن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي انصاف ملڻ تائين چپ ڪري ن ويهندس حفيظ ڪوسو نواب شاھ ٻارڙن جي سرڪاري اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي غفلت سبب ٽن مهينن جي معصوم ٻارڙي اليز ڌي حفيظ ڪوسو فوت اسپتال ۾ امڙ ۽ والد جو روڄ راڙو هيڏي وڏي اسپتال آهي رات کان وٺي ڪو ب ڊاڪٽر موجود ناهي ڌانهون ڪرڻ باوجود ڪو ڊاڪٽر ن آيو نياڻي تڙپي تڙپي فوت ٿي وئي آهي والد حفيظ ڪوسو هڪ سال پهريان ب ڊاڪٽرن منهنجي معصوم پٽ کي غلط انجيڪشن هڻي ماري ڇڏيو هو هي ٻيو واقعو پيش آيو آهي هي اسپتال آهي يا ڪوس گهر حفيظ ڪوسو

بقايا سنڌيار 09

يو پي ايس، موٽر، سي ڊي موٽرسائيڪل ۽ اسٽيبلائيزر ۽ سيني مزدورن جون موبائل فونون ڦري ڪري فرار ٿي ويا آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ت هٿياربند منهنجو پٽ ۽ ڀائيٽو نالي امداد علي ۽ عبادت احمد کي اغوا ڪري ڪٿي ويا، ان ئي وقت مون 15 تي ڪال ڪري پوليس کي اطلاع ڪيو پر هن وقت تائين پوليس ن آئي آهي جڏهن فتح پور ٿاڻو تمام ٿوري پنڌ تي آهي. هن ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ت اسان جي واقعي جو ڪيس داخل ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي. هوڏانهن حد جي فتح پور ٿاڻي جي ايس ايڇ او علي مراد ڪوسو ميڊيا سان ڳالهيندي چيو ت استاد بشير ڪوڪر ۽ ان جا ماڻهون هن وقت ٿاڻي تي موجود آهن. انهن جي مرضي موجب ڪيس داخل ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 10

ڪامياب ٿي ويا جنهن جي خلاف شهرين پاران سخت احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن غلام حسن ڪلهوڙو، غلام سرور راڄپر، ذوالفقار پيرزادا ۽ ٻين چيو ت سڄي شهر ۾ بدامني جا ٻاھ ٻريل آهي پر افسوس پوليس چورن خلاف ڪا ب ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ن آهي جنهن سبب چورن ديدادليري اينتري وڌي وئي آهي جو هاڻي چور ڏينهن ڏٺي جو شهرين کان موٽر سائيڪلون ۽ پيسا ڦر ڪري رهيا آهن هنن چيو ت فوري طور تي موٽر سائيڪل ۽ واپس ڪرائي چورن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 11

